
ماهوار

# پيغام

ڪراچي



سعودي فرمانروا جلالة الملڪ شاهه خالد بن عبد العزيز المعظمؒ ۽ وزير اعظم
پاڪستان جناب ذوالفقار علي ڀٽو، معزز مهمان جي ڇهن ڏينهن جي سرڪاري
دوري جي پڇاڙيءَ تي گڏيل اعلان تي صحيحون ڪري رهيا آهن.



سعودي فرمانروا جلالة الملڪ شاه خالد
بن عبد العزيز المعظم جي پاڪستان جي
دوري جون تصويري جهلڪيون.







لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

## هڪ ئي يادگار تصوير

شاهه فيصل مسجد جو سنگ بنياد.






معزز مهمان، صدر پاڪستان طرفان
ڏنل دعوت ۾ شرڪت لاءِ اچي رهيو آهي.

شيرباغ ڪراچيءَ ۾ جمعي جي نماز جو هڪ روح پرور ڏيک.





ڪراچي هوائي اڏي تي عظيم الشان استقبال

ڪراچي هوائي اڏي تي، معزز مهمان جي روانگي وقت ورتل هڪ يادگار تصوير:



# ماهوار پيغام ڪراچي

جلد: ١
شمارو: ٦-٧
آڪٽوبر- نومبر ١٩٧٦ع


| مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|
| ڳالهه ٻولهه | ايڊيٽر | ٦ |
| جلالة الملڪ شاهه خالد بن عبدالعزيز جو تاريخي دورو | | ٨ |
| قائد اعظم محمد علي جناح | | ١٣ |
| قائد اعظم محمد علي جناح جي يادگار شين جي نمائش | | ١٥ |
| شهيد ملت لياقت علي خان | | ١٦ |
| پورهيتن جي هفتي جي موقعي تي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو پيغام | | ١٨ |
| پورهيتن بابت وزير اعظم جي تقريرن مان اقتباس | | ١٩ |
| صوبائي وزير محنت جناب عبدالله بلوچ جي ريڊيو پريس ڪانفرنس | | ٢١ |
| پورهيتن جو هفتو | | ٢٣ |
| استقباليه : وزير اعليٰ سنڌ جي تقرير مان اقتباس | | ٢٩ |
| اي وطن ! | اياز قادري | ٣١ |
| گيت | واجد ناز | ٣١ |
| آزادي جي واڳ | شعبان بخت | ٣٢ |
| نظم | اياز ڪتري | ٣٢ |
| غزل | ميرزا فتح علي بيگ عارف | ٣٣ |
| ڪوشش | ساجد لعلپوري | ٣٤ |
| عورتن جي هفتي جي سلسلي ۾ بيگم نصرت ڀٽو جو پيغام | | ٣٥ |
| وزير اطلاعات مير هزار خان بجاراڻي جي ريڊيو پريس ڪانفرنس | | ٣٨ |
| دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ٻوڏ جا ڳاٽا.... | محمد موسيٰ پنهور | ٤١ |
| سنڌ جو جماليات ورثو | ڪريم بخش خالد | ٤٧ |
| سيد فاضل شاهه | ڊاڪٽر سيد شهزادو شاهه | ٥٢ |
| قلندر عثمان مروندي | عنايت الله ڀٽو | ٥٨ |


نگران:
منظور الحق آفندي
سيڪريٽري اطلاعات

ايڊيٽر:
عبدالحليم شيخ

معاون: محمد يعقوب
محمد موسيٰ پنهور

ترتيب ۽ تزئين:
عابد سعيد

فوٽوگرافي:
ايس. ايم. شاهه - مقصود احمد
نسيم شاڪر جعفري. لعل بخش کوکر

شايع ڪندڙ:
شعبهء مطبوعات،
سنڌ اطلاعات کاتو،
بلاڪ ٩٦، پاڪ سيڪريٽريٽ
ڪراچي.

ڇاپيندڙ، افرليشيا پرنٽنگ پريس، ڪراچي


www.bhutto.org

# ڳالهه ٻولهه

## اسانجو معزز مهمان شاهه خالد

سعودي عرب جو فرمانروا جلالة الملک شاهه خالد بن عبدالعزيز پاڪستان جي ڇهن ڏينهن جي دوري ڪانپوءِ ١٥- آڪٽوبر تي پنهنجي وطن موٽي ويو آهي پر پنهنجي پاڪستاني ڀائرن جي دلين تي ڀائپيءَ، خلوص ۽ محبت جا اڻ مٽ نقش ڇڏي ويو آهي.

هن شاندار دوري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن کي وڌيڪ پختو ڪيو آهي. وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي شاهه خالد جي ڪامياب دوري جي پڄاڻيءَ تي نهايت اثرائتي انداز ۾ نه فقط پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو پر سڄي قوم جي احساسات جي ترجماني هن ريت ڪئي:-

”جڏهين اوهين ۽ اسان جا پيا مهمان ويندا تڏهين اسانجا جذبا، اسانجون دعائون ۽ سلام ۾ اوهان سان گڏ ويندا.“

پاڪستاني عوام حرمين شريفين جي پاسبان جو خيرمقدم جنهن خلوص، عقيدت ۽ گرمجوشيءَ وچان ڪيو آهي سو پڻ بيمثال آهي ۽ هر طرح ساراهه جوڳو آهي.

## پوڙهائي جي عظمت

پوڙهائي جي عظمت جو احساس هينئر هر هڪ دل ۾ روشنيءَ جي لاٽ جان اڀريو آهي. عوامي حڪومت قائد عوام جي قيادت ۾، پرمارڀت جي اڳوڻي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي آهي تنهن هينئر پوڙهيت عوام ۾ پنهنجي حقن توڙي ذميدارين جو شعور پيدا ڪيو آهي. هينئر پوڙهيتن کي معاشري ۾ جيڪو عزت جو مقام حاصل آهي، جيڪا اجرت ملي ٿي ۽ جيڪي رعايتون ۽ سهولتون ميسر آهن، تن جو عوامي حڪومت ڪان اڳ ڦاري

www.bhutto.org

استحصالي نظام ۾ فقط تصور به ڪري نه سگهبو هو.

ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته پورهيت متحد ٿي نه فقط انهن سڌارن جو مڪمل فائدو وٺن جيڪي سندن بهتريءَ لاءِ عوامي حڪومت عمل ۾ آندا آهن پر ساڳي طرح عزم به ڪن ته ملڪ جي پيداوار وڌائڻ ۽ قوم کي خوشحال بڻائڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندا!

## عورتن جي بيداريءَ جو هفتو

۲۴- آڪٽوبر تائين سڄي ملڪ ۾ عورتن جي بيداريءَ جو هفتو ملهايو ويو، جنهن ملڪ جي اڌو اڌ آباديءَ ۾ قومي تعمير جي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جو شعور جاڳايو آهي.

خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو، ملڪ جي عورتن کي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اهي پاڻ کي ان زبردست قيادت لاءِ تيار رکن جيڪو کين ترقي پسندانه معاشري ۾ ادا ڪرڻو آهي.

سڄي ملڪ ۾ جيڪي مذاڪرا ۽ مباحثا، جلسا ۽ جلوس ۽ ميلا ۽ ملاکڙا منعقد ٿيا، تن يقيناً هن احساس کي عام ڪيو آهي ته عوامي حڪومت زندگيءَ جي هر شعبي ۾ روشن خياليءَ جون راهون هموار ڪيون آهن ۽ پيچا بندشن جا ڪئين بند ڀڳا آهن جن زندگيءَ جي پيٺل پاڙيءَ ۾ وهڪرو پيدا ڪيو آهي.

-ايڊيٽر

# جلالة الملڪ شاهه خالد بن عبد العزيز جو تاريخي دورو

١٠- آڪٽوبر ١٩٧٦، پاڪستان جي عوام لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن هو جڏهين پاسبان حرم سعودي فرمان روا، جلالة الملڪ شاهه خالد بن عبدالعزيز پاڪستان جي ڇهن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي اسلام آباد پهتو. هوائي اڏي تي صدر پاڪستان جناب فصل الاهي چوڌري ۽ وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي، محترم مهمان جو نهايت گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو گارڊ آف آنر جي معائني ڪانپوءِ شاهي مهمان جو هوائي اڏي تي موجود معززين سان تعارف ڪرايو ويو. انهي دوران خوبصورتي سان سينگاريل هوائي اڏي تي عوام جو وڏو هجوم شاهه خالد زنده باد، پاڪ سعودي دوستي زنده باد جي فلڪ شگاف نعرن سان آجيان ڪندو رهيو. رنگا رنگي لباس ۾ اسڪولي ٻار جهنڊيون، گلدستا ۽ رنگين ڦوڪڻا کڻي قومي ترانا ڳائيندا رهيا. يارهين آڪٽوبر تي شام جو ڇئين بجي عزت ماب شاهه خالد بن عبدالعزيز جي اعزاز ۾ اسلام آباد ۾ هڪ شاندار ۽ تاريخي جمناسٽڪ شو جو اهتمام ڪيو ويو جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون مظاهرو هو. اٽڪل سوا ڪلاڪ جي هن رنگا رنگي پروگرام ۾ ويهه هزار ٻارڙن ۽ فوجي جوانن حصو ورتو. هي مظاهرو ايترو دلڪش، پروقار ۽ شاندار هو جو جلاله الملڪ شاهه خالد ۽ وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي، مظاهري ۾ حصو وٺندڙ ٻارڙن کي مبارڪون ڏنيون.

هن پروگرام جو آغاز 'بسم الله الرحمان الرحيم' جي عبارت سان ٿيو ان ڪانپوءِ معزز مهمان جي آجيان لاءِ اهلاً و سهلاً و مرحبا، شاهه خالد ۽ وزير اعظم ڀٽو زنده باد جا نعرا، ٻنهي سربراهن جون رنگين تصويرون، قائد اعظم ۽ علامه اقبال جي تصويرن سان گڏ ڪعبة الله شريف، قائد اعظم جو مقبرو ۽ يادگار پاڪستان جي مناري جون تصويرون، قيام پاڪستان جي تاريخ وارا منظر، قرارداد پاڪستان ڪانوني، عوامي حڪومت جي دور جي آندل سڌارن تائين سموري

www.bhutto.org

تاريخ ۾ پيپلز پارٽي جي وجود ڪان وٺي آندل سڌارن جون جهلڪيون ۽ اهڙا ٻيا ڪرتب پارڙن جسماني مظاهرو ڪندي پيش ڪيا.

پارڙن جي مظاهري کان شاهه خالد ان وقت بيحد متاثر ٿيو. جڏهين پاڪستان ۽ سعودي عرب جي دوستي ۽ اتحاد جا نعرا پيش ڪيا ويا. پروگرام جي آخر ۾، هڪ وڏي گاڏي ۾ پار گلدستا ڪٺي آيا. ان گاڏي ۾ يادگار پاڪستان جي مناري جو نقشو ٺهيل هو ۽ انهن تي ننڍڙا پار بيٺل هئا جن اهي گلدستا لوڏي معزز مهمان جي آجيان ڪئي. ان موقعي تي وزير اعظم ڀٽي شاهه خالد کي رڍ جي کل تي لکيل خطاطيءَ جو هڪ ٽڪرو پيش ڪيو جنهن تي جميل‌الدين عالي جي مرحبائي اردو نظم جو عربي ترجمو خوبصورتيءَ سان لکيل هو.

ٻارهين آڪٽوبر تي صبح جو شاهه خالد بن عبدالعزيز اسلام‌آباد ۾ مرگهلا ٽڪرين واري ايراضيءَ ۾ منعقد ٿيل هڪ پروقار ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ دنيا جي عظيم ترين ”شاهه فيصل مسجد“ جو سنگ بنياد رکيو.

اپريل ١٩٦٦ ۾ مرحوم شاهه فيصل جڏهين پاڪستان جي دوري تي اسلام آباد آيو هو ته ان وقت هن پاڪستان جي دارالحڪومت ۾ هن مسجد جي تعمير جو اعلان ڪيو هو. ان ڪري هن مسجد جو نالو مرحوم شاهه فيصل جي نالي پٺيان رکيو ويو آهي.

شاهه خالد، وزير اعظم ڀٽي سان گڏجي سڀ کان پهرين مسجد جي ماڊل جو معائنو ڪيو. تلاوت ڪلام پاڪ کانپوءِ، وفاقي وزير هائوسنگ ۽ تعميرات، سيد ناصر علي رضويءَ چانديءَ جو ٺهيل مسجد جو ماڊل شاهه خالد جي خدمت ۾ پيش ڪيو.

مرگهلا جي ٽڪرين جي دامن ۾ تعمير ٿيندڙ هن مسجد جي پيڙهه واري پٿر رکڻ سان هن شاندار مسجد جي اڏاوت جو پهريون مرحلو شروع ٿيو آهي، جيڪا ٽن سالن ۾ ٺهي راس ٿيندي. ٢٥ ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ هن مسجد جو نقشو هڪ ترڪ ماهر ويدات لالوڪ تيار ڪيو آهي، جنهن مقابلي ۾، اسلامي ملڪن جي معمارن کان پهتل ڊزائينن ۾ سڀ کان بهترين ڊيزائن پيش ڪئي.

هي مسجد جيڪا مرگهلا ٽڪرين جي هيٺان ٤٥ ايڪڙن جي ساوڪ واري علائقي ۾

www.bhutto.org

شاهه خالد تاريخي بادشاهي مسجد ۾ ڏٺي، جتي معزز مهمان، سعودي وزيرن سان گڏجي ۾ رڪعتون نفل پڙهيون.

١٤ آڪٽوبر تي شاهه خالد بن عبدالعزيز وزير اعظم ڀٽي سان گڏ لاهور جي قلعي واري اسٽيڊيم ۾ ٻن ڪلاڪن تائين گهوڙن ۽ چوپائي مال جو خاص نمائش ڏٺو جنهن جو انتظام فوج جي سهڪاري هيٺ شاهي مهمانن لاءِ ڪيو ويو هو. وزير اعظم ۽ شاهه خالد سلاميءَ واري ڊائيس تائين ڇهن گهوڙن واري بگيءَ ۾ آيا. هن نمائش ۾ گهوڙن جي لوڪ ناچ، نيزي بازي، اٺن جا ناچ، موٽر سائيڪلن تي ڪرتب ۽ ٻيا ڪيترائي ڪرتب پيش ڪيا ويا. معزز مهمان انهن ڪرتبن کي بيحد پسند ڪيو.

فرمانرواءِ سعودي عرب شاهه خالد بن عبدالعزيز پاڪستان جي ڇهن ڏينهن جي دوري جي آخري مرحلي ۾ ١٤- آڪٽوبر تي شام جو جڏهين ڪراچيءَ پهتو ته پري پري کان آيل لکها ماڻهن نهايت گرمجوشيءَ ۽ خلوص جي جذبات سان سندس آجيان ڪئي. ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي معزز مهمان جو آڌر ڀاءُ سنڌ جي گورنر الحاج محمد دلاور خانجي، وڏي وزير جناب غلام مصطفيٰ جتوئي، صوبائي وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن معزز شخصيتن، اعليٰ عملدارن ۽ هزارين شهرين ڪيو. شاهه خالد سان گڏ وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو به لاهور کان ڪراچيءَ پهتو. هوائي اڏي کان گورنر هائوس، تائين رستي جي ٻنهي پاسن فوج جا جوان بيٺل هئا ان کان علاوه ٻارهن ميل ڊگهي رستي جي ٻنهي طرفن لکها ماڻهو قطار ڪيو بيٺا هئا، انهن جي هٿن ۾ سعودي عرب ۽ پاڪستان جا قومي جهنڊا هئا. اسڪول جي شاگردن جيڪي رستي جي ٻنهي طرفن تي قطار ۾ بيٺل هئا تن قومي ترانا ڳائي شاهي مهمان جي آجيان ڪئي. استقبال لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن ۾ مرد، زالون، ٻار توڙي پوڙها نظر تي آيا. هوائي اڏي جي عمارت کي مثالي نموني سينگاريو ويو هو. ان کانسواءِ سموري ڊرگ روڊ تي رستي جي ٻنهي طرفن سرڪاري توڙي غير سرڪاري عمارتن کي بلبن سان جرڪايو ويو هو، ان کان علاوه سڄي رستي تي جلالة الملڪ شاهه خالد، صدر فضل الاهي چوڌري ۽ وزير اعظم ڀٽي جون قدآدم تصويرون لڳايون ويون هيون. سڄي رستي تي پاڪستان ۽ سعودي عرب جا جهنڊا ۽ انگريزي، اردو ۽ عربي زبان ۾ لکيل پوسٽر لڳل هئا جن تي مرحبائي نعرا لکيل هئا.

شاهه خالد بن عبدالعزيز پاڪستان جي ڇهن ڏينهن جي دوري جي آخري ڏينهن ڪراچيءَ

www.bhutto.org

جي شيرپائو گارڊن ۾ جمعي جي نماز ادا ڪئي ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي اندرين علائقن کان آيل اٽڪل اڍائي لک ماڻهن سعودي عرب جي بادشاهه سان گڏ جمع نماز ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

صدر فضل الاهي چوڌري، وزير اعظم ڀٽي، وفاقي وزيرن ۽ وزير مملڪتن، سنڌ جي گورنر وڏي وزير، صوبائي وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن، اعليٰ سرڪاري عملدارن، پاسبان حرم سان گڏ نماز ادا ڪئي. نماز جي امامت مولانا احتشام الحق ٿانوي ڪئي.

هن موقعي تي شيرپائو گارڊن کي نهايت خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو هو. سموري باغ ۾ اٽڪل ٣ سو لائوڊ اسپيڪر لڳايا ويا هئا. باغ کي وڏا شاهي دروازا لڳايا ويا هئا.

سعودي عرب جو بادشاهه، شاهه خالد بن عبدالعزيز پاڪستان جو ڇهن ڏينهن جو سرڪاري دورو مڪمل ڪري ١٥ - آڪٽوبر تي شام مهل جڏهين ڪراچيءَ کان سعودي عرب روانو ٿيو ته ڪيس ڪراچي ۽ سنڌ جي اندرين علائقن کان آيل لکها ماڻهن محبت، خلوص ۽ عقيدت وچان، انتهائي گرمجوشيءَ سان الوداع ڪيو.

پاڪستان جي صدر فضل الاهي چوڌري، وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي، سنڌ جي گورنر، وزير اعليٰ انتهائي پيار ۽ محبت سان خادم حرمين شريفين کي "خدا حافظ" ڪيو. هن موقعي تي ٽنهي فوجن جا سربراهه، قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر، وفاقي وزير، وفاقي مملڪتي وزير، وزير اعظم جا خاص صلاحڪار، بلوچستان جو گورنر سنڌ جا وزير، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر، سينيٽر، اعليٰ سرڪاري عملدار ۽ ڪراچيءَ ۾ مقيم سفارتي نمائندا پڻ شاهي مهمان کي خدا حافظ چوڻ لاءِ موجود هئا.

شاهه خالد جو جنهن شاندار ۽ مثالي نموني ڪراچي پهچڻ تي استقبال ڪيو ويو اهڙي ئي پرخلوص نموني ڪيس الوداع ڪيو ويو. گورنر هائوس کان هوائي اڏي تائين نيوي ۽ آرمي جا جوان بيٺل هئا. هنن سان گڏ اسڪولي ٻار رنگا رنگي ڪپڙن ۾ ملبوس گلن جون ڏاريون هٿن ۾ کڻي بيٺل هئا.

هوائي اڏي جي تقريبن ختم ٿيڻ کانپوءِ جيئن ئي معزز مهمان جهاز ۾ سوار ٿيو ته شاهه کي ٢١ توبن جي سلاميءَ سان الوداع ڪيو ويو.

www.bhutto.org

# قائداعظم محمد علي جناح

## (١٨٧٦ع - ١٩٤٨ع)

٢٥ ڊسمبر سنه ١٨٧٦ع سومر جي ڏينهن جناب جناح پونجا جي گهر ۾ پهريون فرزند تولد ٿيو. هو ان وقت وزير مينشن جي هڪ فلئٽ ۾ قيام پذير هو جو ڪراچي جي هڪ پراڻي ۽ گهاٽي آبادي واري علائقي کارا در جي نيو نهام روڊ تي آهي. ٻار جو نالو محمد علي رکيو ويو. هي اهو خوش قسمت ٻار هو جنهن کي الله تعاليٰ جي رضامنديءَ سان هڪ اهم مقصد لاءِ منتخب ڪيو ويو هو. نوجوان محمد علي، خوبرو، فطري طور تي خاموش ۽ علم جي شوق سان گڏ وڏو ٿيو. هو هر وقت چستيءَ جي حالت ۾ ڏٺو ويندو هو. ائين محسوس ٿيندو هو جيئن هو ٿوري وقت ۾ زندگيءَ جي اهم مقصدن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هجي.

هن ابتدائي تعليم سنڌ مدرسه الاسلام ۾ حاصل ڪئي. ١٨٩١ع ۾ هو ڪرسچن مشينري سوسائٽي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. پنهنجي والد جناب جناح پونجا جي هڪ دوست مسٽر لي ڪرافٽ جي مشوري تي هو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ خاطر ١٨٩٣ع ۾ لنڊن ويو اتي پهچڻ جي هڪ سال ڪانپوءِ هن "لنڪن ان" ۾ داخلا ورتي ۽ ٻن سالن جي عرصي ۾ قانون جو امتحان پاس ڪري هو هندستان ۾ سڀني کان ننڍي عمر وارو بئريسٽر ٿي ويو.

١٨٩٦ع ۾ جڏهين مسٽر جناح ڪراچيءَ واپس آيو ته هن پنهنجي خانداني واپار کي تباهه حال ۾ ڏٺو. ماءُ جي وفات جو صدمو، نوجوان زال ايمي ٻائي جي موت جو غم ۽ خانداني واپار جي ناڪاميءَ تي هن بمبئيءَ وڃي قسمت آزمائڻ جو ارادو ڪيو. شروع جا ڪجهه سال ڏاڍا نا اميديءَ ۾ گذاريائين مگر پوءِ به همت نه هاريائين. هو پنهنجي سنجيده طبيعت ۽ پرڪشش شخصيت جي ڪري ڪيترائي دوست پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

مسٽر ميڪفريسن جو ان وقت بمبئيءَ جو ايڊوڪيٽ جنرل هو، مسٽر جناح کي بيحد پسند ڪرڻ لڳو. چنانچه هن مسٽر جناح کي پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ جي لاءِ چيو. هي هڪ اهڙو اعزاز هو جو ان زماني ۾ ڪنهن به هندستاني بئريسٽر کي حاصل نه هو. انهي زماني ۾ سرچارلس

اوليو نٽ هن کي پندرهن سو روپين ماهوار جي ملازمت جي پيشڪش ڪئي مگر مسٽر جناح اهو چئي ان کي جواب ڏنو ته هو جلد ئي ايتري رقم هڪ ڏينهن ۾ ڪمائيندو. هن جي وڪالت جي زماني جا بيشمار قصا اڄ به پڌا ويندا آهن جن مان هن جي ديانتداري ۽ بي باڪيءَ جي خوبين جو پتو پوي ٿو.

١٩ - اپريل ١٩١٨ع ۾ محمد علي جناح هڪ پارسي عورت رتن بائيءَ سان شادي ڪئي جنهن مان هن کي هڪ ڌيءَ دينا ١٥ - آگسٽ ١٩١٩ع ۾ ڄائي. محترمه رتن بائي ١٩٢٩ع ۾ وفات ڪري ويئي.

مسٽر جناح شروع کان ئي سياست ۾ گهري دلچسپي پئي ورتي. هو ٽوڙ ڦوڙ، ظلم ۽ غير قانوني ذريعي سياسي مقصد حاصل ڪرڻ کي خراب سمجهندو هو. شروع ۾ هن جو تعلق ڪانگريس سان هو ۽ ڪجهه عرصي تائين هن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي اڻٿڪ ڪوشش ڪئي پر ڪيترن واقعن جي ڪري هن کي هندو ڪانگريسي ليڊرن جي غير منصفانه رويي جو يقين ٿي ويو ۽ آخرڪار هن ڪانگريس کي ڇڏي مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪئي ته جيئن برطانوي حڪمرانن ۽ هندن جي خلاف جدوجهد ۾ مسلمانن جي حقن جي حفاظت ڪري سگهي. هيءَ جدوجهد مختلف مرحلن مان گذري آخرڪار لاهور ۾ ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع جي تاريخي اجلاس ۾ قرارداد پاڪستان جي صورت ۾ نروار ٿي. ان کانپوءِ هن جي قيادت ۾ آزاديءَ جي جدوجهد جي تحريڪ اتحاد، يقين ۽ تنظيم جي اصولن تي تيز تر ٿيندي ويئي ايستائين جو هيءَ جدوجهد ١٤ - آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ آزاديءَ سان همڪنار ٿي. بدقسمتيءَ سان هي نئين وجود ۾ آيل مملڪت "پاڪستان" ١١ - سيپٽمبر ١٩٤٨ع تي قائد اعظم محمد علي جناح جي محبت، شفقت ۽ رهنمائيءَ کان محروم ٿي ويئي.


## قائد اعظم محمد علي جناح جي يادگارشين جي نمائش


وفاقي وزير تعليم جناب عبدالحفيظ پيرزادي پهرين آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي يادگار شين جي نمائش جو افتتاح ڪندي حڪومت جي هن عزم جو

www.bhutto.org

اظهار ڪيو ته اها قائد اعظم جي هدايل قومي مقصدن کي حاصل ڪندي، قائد اعظم جي مقبري تي ماڻهن کي خطاب ڪندي هن چيو ته گشتي نمائش کي شروع ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته پاڪستان جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن کي جنوبي ايشيا جي ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي ان تاريخي جدوجهد کان واقف ڪيو وڃي جا هنن آزاد قوم ۽ ملڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي. قائد اعظم جي زير قيادت ان جدوجهد جي نتيجي ۾ آخرڪار پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو. هن گشتي نمائش جو اهتمام آثار قديم ۽ عجائب گهرن جي کاتي طرفان ڪيو ويو، جيڪا قائد اعظم جي سو ساله جشن جو هڪ حصو آهي.

هن چيو ته هن نمائش جو هڪ مقصد هي آهي ته موجوده ۽ ايندڙ نسل کي پاڪستان جي تاريخي پس منظر کان آگاهه ڪيو وڃي. هن نمائش ۾ قائد اعظم جون سوين شيون رکيون ويون آهن جن ۾ هه ذاتي ڪارون، قانون جا ڪتاب، ڪپڙا، جوتا، عينڪون، پاسپورٽ، برتن، تلوارون، رائفلون ۽ فرنيچر شامل آهي. نمائش ۾ وزير اعظم پٽي جو اهو خط به شامل آهي جيڪو هن سال ۱۹۴۵ع ۾ قائد اعظم کي لکيو هو.







آثار قديمه جي کاتي پاران قائد اعظم جي لائبريري ۽ واپرايل شين بابت گشتي نمائش جو اهتمام ڪيو ويو- انهن نمائش جون ٻه تصويرون



# شهيد ملت لياقت علي خان

”منهنجا هم وطن هڪ اهڙي سماج جا رڪن ٿيڻ هرگز گوارا نہ ڪندا جو بي دين هجي، جنهنجي سڄي زندگي اخلاقي ذمہ دارين کان بي تعلق هجي. جنهن ۾ ذات-پاڪ جي پابندي نہ هجي، جنهن جا ماڻهو پنهنجي انفرادي جدوجهد ۽ ذاتي صلاحيتن کان فائدو حاصل نہ ڪندا هجن.“

”جيڪڏهين پاڪستان جي لاءِ رت ڏيڻو پيو تہ لياقت علي خان جو رت ان ۾ شامل هوندو.“

شهيد ملت لياقت علي خان جي زندگيءَ جا مختصر حالات :-

١٨٩٨ع ——— قائد ملت جي پيدائش بمقام ڪرنال.

١٩١٠ع ——— علي ڳڙهہ جي ايم-اي-او ڪاليج ۾ داخلا.

١٩١٩ع ——— اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ برطانيہ روانگي.

١٩٢١ع ——— ايڪسٽر ڪاليج مان ايم-اي ڪيائين.

١٩٢٢ع ——— بئريسٽريءَ جو ڊپلوما.

١٩٢٢ع ——— برطانيہ کان واپسي.

www.bhutto.org

١٩٢٢ع —— مسلم ليگ ۾ شموليت.

١٩٢٣ع —— سياسي زندگيءَ جو آغاز.

[illegible] —— ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو.

١٦٢٦ع —— يو-پي جي مجلس قانون ساز جو ميمبر ٿيو.

١٩٣١ع —— ڪانپور جي هندو مسلم فسادن جي تحقيقاتي ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ٿيو.

١٩٣٦ع —— مسلم ليگ جو سيڪريٽري منتخب ٿيو.

١٩٣٨ع —— قائد اعظم سان گڏ ڪراچيءَ آيو.

١٩٤٣ع —— مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ جو صدر منتخب ٿيو.

١٩٤٥ع —— سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن جي سلسلي ۾ سنڌ جو دورو.

١٩٤٥ع —— مسلم ليگ پارليامينٽ بورڊ جو صدر چونڊيو ويو.

ڊسمبر ١٩٤٥ع —— آگره مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جي ساليانې اجلاس جي صدارت.

١٩٤٦ع —— وائسراءِ جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو.

١٩٤٦ع —— سنڌ اسيمبلي جي چونڊن جي سلسلي ۾ سنڌ جو ٻيو دورو.

ڊسمبر ١٩٤٦ع —— قائد اعظم سان گڏ هندستان جي مسلمانن جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ انگلنڊ روانو.

١٩٤٧ع —— هندستان جي وزير خزانه جي حيثيت ۾ عوامي بجيٽ پيش ڪيائين.

١٥ آگسٽ ١٩٤٧ —— پاڪستان جي پهرئين وزير اعظم جي حيثيت ۾ قسم کنيائين.

مئي ١٩٥٠ع —— آمريڪا جو دورو.

١٦ آڪٽوبر ١٩٥١ —— شهادت.

www.bhutto.org

پورهيتن جي هفتي جي موقعي تي



# وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو پيغام

” پاڪستان ۾ پهرين پورهيت هفتي جي موقعي تي اسان جا پورهيت هڪ غير منصفاڻي سماجي نظام کان پنهنجي نجات ملهائيندا جنهن ۾ کين انساني وقار ۽ حيثيت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو هو. هي جمهوري عمل کي بحال ڪرڻ لاءِ پورهيتن طرفان ڏنل اعليٰ قربانين کي ياد ڪرڻ جو پڻ وقت هوندو. عوامي حڪومت جيڪا اسان جي معاشري جي پرولتاري ۽ ترقي پسند طبقن جي قربانين جي نتيجي ۾ اقتدار ۾ آئي هئي، هڪ دفعو وري پورهيت طبقي لاءِ وڏيڪ جائز فائدا حاصل ڪرڻ جو وعدو ڪري ٿي. اها هي وعدو پڻ ڪري ٿي ته پورهيتن جو استحصال ڪرڻ لاءِ مفاد پرستن جي ڪوششن خلاف سندن حقن جو پوري طرح تحفظ ڪيو ويندو.

عوامي حڪومت قومي معيشت ۾ پورهيتن جي اهم ڪردار کي بدستور تسليم ڪري ٿي خواهه اهي ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هجن يا ڪارخانن ۾ يا ٻين ادارن ۾. پيداوار وڌائڻ لاءِ پورهيتن جون مثبت ڪوششون وڏيڪ خوشحال مستقبل لاءِ بهترين ضمانت آهن. هنن کي هڪ مضبوط پاڪستان تعمير ڪرڻ ۽ هڪ منصفاڻو سماجي نظام قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي جنهن ۾ ماضي جي ناانصافين کي ته ورجائي سگهجي. اسان هڪ منصفاڻي معاشري جي تعمير جي شروعات ڪرڻ ۾ طويل سفر طئه ڪيو آهي. ان مقصد لاءِ عوامي حڪومت اڳتي وڌڻ ۽ پاڪستان ۾ سڌارن ۽ سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي رفتار کي تيز ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي.

www.bhutto.org

# پورهيتن بابت
# وزيراعظم جي تقريرن مان اقتباس

مان هن ڳالهه جي خاطري ڪندس ته ڪوبه لاڪ آئوٽ نه ٿئي. مان هن ڳالهه جي به خاطري ڪندس ته پورهيتن سان خراب سلوڪ نه ڪيو وڃي. مان هن ڳالهه جي به خاطري ڪندس ته اجايو بيروزگاري نه وڌي. مان صنعتڪار طبقي کي چوندس "لاڪ آئوٽ نه ڪيو ۽ پورهيتن کي ڪڍي نه ڇڏيو ڇاڪاڻ ته پورهيت اسان جا مالڪ آهن." مان پورهيتن کي چوندس ته "مهرباني ڪري ڌيرج کان ڪم وٺو. اسان ملڪ جي وسيلن کي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪنداسين ڇاڪاڻ ته دولت پيدا ڪندڙ اوهان ئي آهيو ۽ اوهان کي ڪوبه ڊپ نه ڪرڻ گهرجي."

( ٢٠ ڊسمبر ١٩٧١ تي قوم کي خطاب )

جن صنعتن کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو آهي انهن تي هر هڪ شهريءَ جي زندگيءَ جو وڏي حد تائين انحصار آهي ۽ اهي هڪ اهڙو بنياد فراهم ڪن ٿيون جنهن کانسواءِ حقيقي معنيٰ ۾ ڪابه صنعتي ترقي نٿي ٿي سگهي. هاڻي انهن صنعتن جو انتظام، پاڪستان جي عوام جي ڀلائيءَ خاطر مملڪت پاڪستان جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي، هاڻي پنهنجي صنعتي ترقي جون واڳون عوام جي پنهنجي هٿن ۾ آهن. هاڻي جڏهين اهي ڪارخانا خالص ملڪ ۽ عام ماڻهو جي فائدي لاءِ استعمال ٿيڻا آهن، تڏهين پورهيتن کي گهرجي ته انهن ڪارخانن جي ڪاميابيءَ لاءِ پيداوار وڌائين. اسان کي پنهنجون سموريون قوتون وڌ ۾ وڌ پيداوار وڌائڻ ۽ اعليٰ معيار جي مال تيار ڪرڻ تي خرچ ڪرڻ گهرجن. انهن ڪارخانن جي ڪاميابيءَ لاءِ هاڻي پورهيتن کي صحيح معنيٰ ۾ بازي لڳائڻي آهي. خود انهن جي ڀلائي به ان ۾ آهي ته اهي اڳي کان وڌيڪ محنت ڪن. سخت محنت جو ڪوبه نعم البدل نه آهي ڪابه قوم سخت محنت کانسواءِ

www.bhutto.org

ڪاميابي حاصل نٿي ڪري سگهي. انهن ڪارخانن جي سيني پورهيتن کي عزم ڪرڻ گهرجي ته اهي اهو مقصد هر حالت ۾ حاصل ڪندا.

( ۲ جنوري ۱۹۷۲ تي صنعتن جي ڏهن قسمن کي قومي تحويل ۾ وٺڻ جي اعلان ڪرڻ وقت قوم کي خطاب )

مونکي خوشي آهي ته اسان اقتدار حاصل ڪرڻ جي فقط ستن ڏينهن اندر هڪ نئين پورهيت پاليسيءَ جو اعلان ڪري رهيا آهيون جيڪي پورهيتن کي ملڪ جي صنعتي ترقي جي تقاضائن سان مناسبت رکندڙ بنيادي حق ڀلئه وجهندي. مان اوهان کي خاطري ڏيارڻ ٿو گهران ته اسان پورهيتن سان جيڪي وعدا ڪيا آهن تن جي پورائي ڏانهن اهو پهريون قدم آهي. ملڪ ۾ هيڏي ڊگهي عرصي تائين جيڪو ناموزون سرشتو هلندو رهيو آهي انکي هڪڙي ڏينهن ۾ بدلائي نٿو سگهجي. اسان عوام جي اعلي ترين مفاد خاطر پوري عزم سان شروعات ڪري رهيا آهيون.

( ۱۰ فيبروري ۱۹۷۴ تي نئين پورهيت پاليسي جو اعلان ڪندي قوم کي خطاب. )

اسانجي آزاديءَ ڪانوٽي هن ملڪ جي پورهيتن پنهنجن ڪلهن تي تمام ڳرو بار پئي کنيو آهي. عوامي حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ انهن جي حقن کي پوري اهميت نٿي ڏني ويئي. جيئن هاڻي سيني کي معلوم آهي ته عوامي حڪومت پورهيتن جي ڀلائي جي لاء نوان قانون نافذ ڪيا آهن ۽ نوان سڌارا عمل ۾ آندا آهن، ائين ڪري حڪومت عام ماڻهو جي ڀلائي جي ضمانت ڏني آهي، پر جيئن هن ملڪ جا شهري پورهيتن جو احترام ڪري رهيا آهن تيئن خود پورهيتن کي ٻه گهرجي ته اهي مزدور تحريڪ جي نظرين سان پنهنجن واعدن جو نئين سر جائزو وٺن.

حق ۽ رعايتون فقط فرض بجا آڻڻ ۽ ذميداريون قبول ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهن ٿيون.

( ۱ مئي ۱۹۷۵ تي يوم مئي جو پيغام )

www.bhutto.org

پورهيتن جو هفتو

# صوبائي وزير محنت جناب عبدالله بلوچ جي ريڊيو پريس ڪانفرنس جو متن

"سنڌ صوبي جي اندر ٽريڊ يونينن طرفان اجتماعي سوديڪاري وارو سرٽيفڪيٽ جلدي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت انهيءَ ڏس ۾ طريقي ڪار کي تمام آسان بڻايو آهي. ڪاغذن جي جاچ پڙتال ڪانپوءِ اهو سرٽيفڪيٽ هاڻي هڪ هفتي جي اندر حاصل ڪري سگهبو. ٽريڊ يونين سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ حڪومت پورهيتن ۽ ملازمن کي مڪمل آزادي ڏني آهي. ملڪ اندر صحتمند ٽريڊ يونيزم جي اوسر لاءِ حڪومت گهڻو ڪجهه ڪيو آهي ۽ ڪري رهي آهي. پورهيتن جا طريقا ۽ ذريعا ڳولڻ ۽ ملازمن ۽ انتظاميه جي وچ ۾ ناتن کي سڌارڻ لاءِ حڪومت قومي ۽ صوبائي سطحن تي مختلف پورهيت گڏجاڻيون ترتيب ڏنيون آهن.

"حڪومت طرفان آندل پورهيت سڌارن سبب پورهيتن جي سماجي ۽ اقتصادي حالت بهتر بڻائڻ ۾ ڪافي مدد ملي آهي. نئين قانون تحت هر هڪ ملازم کي جلد ۽ سولائيءَ سان انصاف ملڻ پئي ٿو. انهن سڌارن سبب هاڻي ملڪ جي اندر هڙتالون به گهٽجي ويون آهن. سال ١٩٧١ ۾ صوبي جي اندر ٥٢٦ هڙتالون ٿيون هيون پر هن سال اهي هڙتالون گهٽجي وڃي ٥٤ ٿيون آهن. انهيءَ ڪانسواءِ صوبي جي اندر ڪنهن به حصي ۾ تالا بنديءَ جو ڪوبه واقعو پيش نه آيو ۽ ساڳئي وقت ڪٿي به انتظاميه جو گهيرائو نه ٿيو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته صوبي جي صنعتي شعبي ۾ امن امان واري فضا قائم ٿي وئي آهي. ڪوڙين پاڪيٽ يونين جي خاتمي لاءِ پڻ اپاءَ ورتا ويا آهن ۽ اهڙو قانون به نافذ ٿيل آهي ته هڪ ڪارڪن هڪ وقت ۾ صرف هڪ يونين جو ميمبر ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ ڪنهن به اداري ۾ ٽي يونين جي اجازت نه آهي جيستائين انهن گهٽ ۾ گهٽ ٢٠ سيڪڙو ميمبر شامل نه هجن. سنڌ صوبي جي اندر اڍائي هزار ٽريڊ يونينون آهن جن ۾ اٽڪل هڪ لک ڪان وڌيڪ پورهيت شامل آهن."

www.bhutto.org

”پورهيتن جي طبي سهوليتن جي لاءِ سائيٽ ۾ ٢٥٠ بسترن واري ڪي- وي- اسپتال موجود آهي جا انڊو پاڪ ۾ پورهيتن جي طبي سهوليتن مهيا ڪرڻ لاءِ پنهنجو مثال پاڻ آهي ۽ شايد ايشيا ۾ پورهيتن جي طبي سهوليتن لاءِ اهڙي اسپتال موجود هجي. ڪراچي ۾ هڪ ٽي - بي ڪلينڪ قائم ڪئي پئي وڃي. لانڍي ۾ هڪ سو بسترن واري اسپتال قائم ڪئي وئي آهي. ڪراچيءَ ۾ ٢٨ شفاخانا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ صوبي جي اندر پڻ پورهيتن کي طبي سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون پيون وڃن ۽ اتي اعليٰ معيار جون دوائون مهيا ڪيون پيون وڃن.“

” صوبي جي اندر صنعتڪار پهريائين مزدورن کان سفيد ڪاغذ تي صحيح وٺي سندن استعيفائون لکي هنن کي نوڪريءَ سان ملازمت کان الڳ ڪري ڇڏيندا هيا. پر انهيءَ نوڪري کي روڪڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته پورهيت هوشيار رهن ۽ انتظاميا کي ڪڏهن به سفيد ڪاغذ تي صحيح ڪري نه ڏين ۽ هاڻي اهڙي نوڪري ڪندڙن کي سخت سزائون ڏنيون وينديون.“

” پورهيتن کي سوشل سيڪيورٽي جي اسڪيم تحت سڄي صوبي جي اندر طبي سهوليتون مهيا ڪيون ويون آهن. موجوده عوامي حڪومت کان اڳ مزدورن کي گهٽيا، ناقص ۽ جعلي قسم جون دوائون ڏنيون وينديون هيون. اهي جعلي ۽ دوکيباز دوا ساز ڪمپنيون جيڪي غير معياري دوائون فراهم ڪنديون هيون، انهن کي بليڪ لسٽ ڪيو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت سندن رهيل دوائن جا بل پڻ روڪيا ويا آهن، جيڪي اٽڪل ڏهه لک رپين کان وڌيڪ آهن. هاڻي اها رقم مزدورن کي وڌيڪ طبي سهوليتون مهيا ڪرڻ تي خرچ ڪئي ويندي.“

” قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو چاهي ٿو ته پورهيتن جي حالت کي بهتر ۾ بهتر بڻايو وڃي، جيڪي ملڪ جي معيشت ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا. ملڪ جو اقتصادي دارومدار به پورهيتن تي آهي ۽ اهي ملڪ جي ريڙهه جي هڏي جي برابر آهن. انهن کي وڌ ۾ وڌ سهوليتون ڏنيون وڃن ۽ هر سال ليبر ڪانفرنس ڪرائي وڃي جيئن پورهيتن ۽ انتظاميا جي وچ ۾ سٺا تعلقات قائم ڪري سگهجن.“

www.bhutto.org

# پورهيتن جو هفتو

دنيا ۾ هر هنڌ پورهيئي جي عظمت کي تسليم ڪيو پيو وڃي، ڇوته پورهيو ئي هر شيءِ جي ابتدا آهي. پورهيت الله تعاليٰ کي به پيارو آهي ڇاڪاڻ ته هو سچائيءَ سان انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ تعميري خيالن کي عملي جامو پهرائي ٿو.

اسانجو معاشرو به ڏگهي عرصي تائين پرماريت جو شڪار رهيو ۽ ڪن طبقن جي استحصالي قوت سببان وڏي اڪثريت کي جاگيرداري واري نظام هٿان سور ۽ سختيون سهڻيون پيون. اهي ظالم محنت ڪش طبقي کي بنيادي ضرورتن کان محروم رکندا پئي آيا، پر نيٺ پرماريت جي رات ختم ٿي. هڪ نئون سج اڀريو وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ پورهيت عوام جي جدوجهد ڪامياب ٿي ۽ ملڪ ۾ پهريون ڀيرو عوامي حڪومت قائم ٿي.

اڳيون حڪومتون فقط ڪن طبقن جي نمائندگي ڪنديون هيون پر هيءَ حڪومت عوام جي حڪومت آهي. وزير اعظم چاهي ٿو ته نئون پاڪستان دنيا ۾ خوشحال ۽ طاقتور مملڪت جي حيثيت حاصل ڪري. هن پورهيئي جو مان وڌايو ۽ محنت ڪشن کي اهو عزت ڀريو مقام ڏياريو جنهن کان کين محروم رکيو پئي ويو. منجهن اهو احساس جاڳيو پيو ته اهي ملڪ جا اصلي مالڪ آهن. ان احساس کي عام ڪرڻ لاءِ عوامي حڪومت پورهيتن جي عالمي ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو ۽ پهرين مئي تي سرڪاري طرح موڪل ڪئي ويئي.

هيءَ پهرين حڪومت آهي جنهن پهرين آڪٽوبر ١٩٧٦ع کان سڄي ملڪ ۾ مزدورن جي هفتي ملهائڻ جو زبردست پروگرام شروع ڪيو آهي.

سنڌ ۾ پورهيتن واري هفتي جو آغاز وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي جي ان اعلان سان ڪيو ويو جنهن موجب هن وزير اعظم جي هدايت تي ٢٢ مزدور اڳواڻن کي آزاد

www.bhutto.org

ڪرڻ جو حڪم ڪيو. وڏي وزير اهو اعلان پنهنجي پاران پورهيت اڳواڻن جي مان ۾ ڏنل استقباليه ۾ ڪيو. هن چيو ته پورهيتن، ڪارڪنن ۽ ڪڙمين جو مستقبل وزير اعظم کي بيحد عزيز آهي جتوئي صاحب پورهيتن کي اپيل ڪئي ته اهي پنهنجي ڪارخانن جي پيداوار وڌائي پنهنجو فرض ادا ڪن. هن چيو ته پورهتين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جلد از جلد گڏجاڻيون ڪوٺايون وينديون.

ڪراچيءَ ۾ ڀرين آڪٽوبر تي پورهيتن جي هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي سنڌ جي پورهئي واري وزير جناب عبدالله بلوچ چيو ته موجوده حڪومت ڪنهن کي به پورهيتن جو استحصال ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندي. هن کين يقين ڏياريو ته حڪومت پورهيت طبقي جي سماجي ۽ معاشي سڌاري لاءِ مسلسل ڪوششون جاري رکندي. ان کانپوءِ هڪ مذاڪرو ٿيو جنهن ۾ ڪيترن مشهور پورهيت اڳواڻن تقريرون ڪيون. ان سلسلي ۾ ڪراچي شپ يارڊ ۾ پورهيتن جو هڪ وڏو ميڙ پڻ ٿيو.

اهڙيطرح صوبي جي ٻين صنعتي شهرن جهڙوڪ حيدرآباد، نواب شاهه، لاڙڪاڻي ، بدين ميرپورخاص، سکر، ڪوٽڙي وغيره ۾ پڻ مزدورن جا ميڙ ٿيا ۽ سيمينار پڻ منعقد ڪيا ويا. انهن جلسن کي پارٽي اڳواڻن ۽ مزدور رهنمائن خطاب ڪيو.

جلوسن ۾ شامل سڀني پورهيتن جي هٿن ۾ مختلف قسمن جون تختيون هيون جن تي ڪيترائي نعرا جهڙوڪ :- ”قائد عوام زنده باد“ ۽ ”قائد عوام پورهيتن ۽ هارين جو اڳواڻ آهي“ لکيل هئا.

لانڍيءَ ۾ وڏي وزير پورهيتن کي نون ٺهيل ٥١٢ فليٽن حوالي ڪرڻ لاءِ سندون ورهايون ان موقعي تي جتوئي صاحب پورهيتن کي ياد ڏياريو ته عوامي حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ آندل سڌارن ۽ وزير اعظم جي دلچسپيءَ جي ڪري پورهيتن جي ڀلائي لاءِ وقت بوقت اهم اپاءَ ورتا ويا آهن. هن ٻڌايو ته ڪراچيءَ ۾ پورهيتن کي هن حڪومت سترهن سو رهائشي فليٽ ڏنا آهن. انهن مان ٥١٢ لانڍي، چار سو سائيٽ، چار سو ڪورنگي، ٢٠٢ اتر ڪراچي ۾ آهن. هن چيو ته اڃا ٣٩٧٢ فليٽ تيار ٿي رهيا آهن ۽ اميد ته ٣١ ڊسمبر ١٩٧٦ع تائين ١٧٧٦ فليٽ ٺهي ويندا.

ان موقعي تي وفاقي حڪومت جي ايڊيشنل سيڪريٽري محنت، حڪومت سنڌ جي، پورهيتن لاءِ ورتل سماجي ڀلائي وارين ڪوششن کي ڪافي ساراهيو. هن ٻڌايو ته سڄي ملڪ

www.bhutto.org

۾ پورهيتن کي ويهه هزار رهائشي پلاٽ ڏنا ويندا. انهن مان اٺ هزار ڇهه سؤ پلاٽ جلد ورهايا ويندا ۽ انهن جي تقسيم جي پاليسي ٺاهڻ لاءِ واسطيدار اختياري وارن جو اجلاس جلد ڪوٺايو ويندو.

پاڪستان نيشنل سينٽر ڪراچيءَ پاران منعقد ڪيل مذاڪري "پورهيت جي عظمت" ۾ تقرير ڪندي صوبائي وزير محنت جناب عبدالله بلوچ چيو ته حڪومت طرفان پورهيت تنظيمن جي همت افزائي ٿيڻ سبب هن وقت فقط سنڌ صوبي اندر ٢٥٠٠ پورهيت تنظيمون آهن. هن 'ٽه ڌري ڪانفرنس' جو ذڪر ڪندي چيو ته انهن جي نتيجي ۾ مالڪن ۽ مزدورن ۾ اختلافن ۽ جهڳڙن ۾ ڪافي ڪمي آئي آهي. هن چيو ته هلندڙ سال صوبي ۾ ڪنهن به ڪارخاني ۾ تالا بندي نه ٿي ۽ فقط ٤٥ هڙتالون ٿيون. هن چيو ته عوامي حڪومت اقتدار ۾ اچڻ شرط مزدورن لاءِ ڪيترائي سڌارا آندا جن ۾ مزدورن جو گهٽ ۾ گهٽ پگهار مقرر ڪرڻ سوشل سيڪيورٽي فنڊ ۾ ٢ سيڪڙي کان ٦ سيڪڙو واڌ ۽ پينشن اسڪيم شامل آهن.

وفاقي وزارت محنت جي زير اهتمام راولپنڊيءَ ۾ ٥ آڪٽوبر کان چوٿين "ٽه ڌري ڪانفرنس" شروع ٿي جنهن ۾ سڄي ملڪ مان اٽڪل ڇهه سو عيوضي شريڪ ٿيا. انهن مان اٽڪل چار سو عيوضي پورهيتن جا، هڪ سو عيوضي ڪارخانيدارن جا ۽ باقي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جا نمائندا هئا. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ مان ٨٣ ليبر نمائندن شرڪت ڪئي.

ڪانفرنس جو افتتاح پورهئي واري وفاقي وزير جناب تاج محمد جماليءَ ڪيو. ڪانفرنس جا پهرين ڏينهن ٻه اجلاس ٿيا. ڇهه سو عيوضين کي ٽن گروپن اي - بي - سي ۽ ڊي ۾ ورهايو ويو. هن ڪانفرنس ۾ وفاقي وزيرن ۽ عملدارن کان علاوه سنڌ جي وزير محنت مسٽر عبدالله بلوچ پڻ شرڪت ڪئي.

چوٿين ٽه ڌري پورهيت ڪانفرنس ٧ آڪٽوبر تي پوري ٿي جنهن ۾ حڪومت پاران يقين ڏياريو ويو ته صحتمند ٽريڊ يونين سرگرمين کي زور وٺايو ويندو ۽ پورهيتن جي وڌ ۾ وڌ ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ کي يقيني بڻائبو. آخري اجلاس ۾ تقرير ڪندي پورهئي واري مملڪتي وزير جناب عبدالستار گبول چيو ته ٽريڊ يونينن جي همت افزائي ڪندي سرڪار ان ڳالهه جو به ڌيان رکندي ته جيئن ان قدم سان اهڙين صنعتن تي وڌيڪ بار نه پوي جيڪي اڳ ئي ورڻ جو شڪار آهن يا بند پيون آهن.

ڪانفرنس جي آخري اجلاس کي وزير اعظم جناب ذوالفقارعلي ڀٽي خطاب ڪندي يقين

www.bhutto.org

ڏياريو ته حڪومت نه ڏري ڪانفرنس جي سفارشن تي همدرديءَ سان غور ڪندي. هن ڀورهيتن کي يقين ڏياريو ته موجوده ڪانفرنس جا اڳوڻين ڪانفرنسن کان وڌيڪ بهتر نتيجا نڪرندا. هن چيو ته حڪومت ۽ پورهيت هڪ آهن، ٻنهي ملڪ کي عظيم مملڪت بڻائڻ جو عزم ڪيو آهي ۽ قوم هڪ انصاف ڀريي اقتصادي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي. هن چيو ته عوامي حڪومت، اقليتن، پورهيتن ۽ عورتن جي ڪنڌجائين وانگر هارين جي ڪانفرنس به ڪوٺائيندي. هن چيو ته هارين جي ڪانفرنس ڪوٺائڻ کانسواءِ اسين پنهنجي مقصد کي مڪمل نٿا ڪري سگهون. هن چيو ته سرڪار، پورهيتن جي قوت کي تسليم ڪري ٿي ۽ ان جي عزت ڪري ٿي پر ايشيا ۾ هاري ٻڻ هڪ عظيم قوت جا مالڪ آهن ۽ ان ڪري سندن ڪانفرنس به ڪوٺائي ويندي.

پورهيتن جي هفتي جي سلسلي ۾، جيڪو ۷ آڪٽوبر تي ختم ٿيو، ان دوران پوري صوبي سنڌ جي هر هڪ صنعتي شهر ۾ پورهيت طبقي پاران جلسا، جلوس، سيمينار، صنعتي نمائشون، مشاعرا، رانديون، ڊراما، فلم شو ۽ ٻيا ڪيترائي پروگرام منعقد ڪيا ويا جن ۾ هزارن جي تعداد ۾ پورهيتن ۽ عوامي نمائندن شرڪت ڪئي.

صوبي ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر جي سڀني شاخن ۾ ٻڻ انهي قسم جا پروگرام ڪيا ويا جن ۾ صوبائي وزيرن، سينيٽرن ۽ مزدور اڳواڻن عوامي حڪومت طرفان پورهيتن جي حالت سڌارڻ لاءِ آندل مختلف بنيادي سڌارن جو ذڪر ڪيو. پورهيت اڳواڻن پنهنجن تنظيمن طرفان قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي عوامي حڪومت طرفان پورهيتن جو هفتو ملهائڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ يقين ڏياريو ته پورهيت طبقو عوامي حڪومت سان ملڪ ۾ صنعتي امن برقرار رکڻ ۽ پيداوار وڌائڻ ۾ مڪمل تعاون ڪندو.

ميرپورخاص ۾ هڪ سيمينار منعقد ٿيو جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ميرپورخاص ۾ مزدورن جي علاج وغيره لاءِ پنجاهه بسترن واري هڪ اسپتال قائم ڪئي ويندي جنهن جو افتتاح وزير اعليٰ سنڌ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي ڪندو. ان کان علاوه هڪ ليبر ڪالوني به تعمير ڪئي ويندي.

صوبي جي وڏن صنعتي ادارن، جهڙوڪ صنعتي ترقياتي بئنڪ، مشين ٽول ڪارپوريشن، ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن، شگر ملز، اسٽيل مل، پاڪستان انشورنس ڪارپوريشن پورٽ قاسم ليبر يونين، نيشنل انشورنس ڪارپوريشن، ۽ ٻين ادارن ۾ مزدور يونين جي طرفان

www.bhutto.org

جلسا ڪيا ويا ۽ جلوس ڪڍيا ويا جن ۾ پورهيتن عوامي حڪومت جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته عوامي حڪومت پورهيتن جي حڪومت آهي ۽ اسان قائد عوام جي قيادت ۾ پاڻ ڪي پيش ڪندي فخر محسوس ڪريون ٿا.

عوامي حڪومت جي ليبر اصلاحات جي نفاذ ۾ ليبر ڊائريڪٽوريٽ جي اهليت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. محنت کاتي ليبر قانون جي نفاذ متعلق جيڪي خدمتون انجام ڏنيون آهن انهن جو اندازو هيٺ ڏنل انگن اکرن مان بخوبي ٿي سگهيٿو.

رجسٽر ٿيل ٽريڊ يونينن جو تعداد :-

| سال | | ٽريڊ يونينون رجسٽر ٿيون | | يونينن جي ميمبرن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| ١٩٧٢ع | ——— | ٢٢٨٥ | ——— | ٢٨١٣٩٢ |
| ١٩٧٣ع | ——— | ٥٦٩ | ——— | ٢٩٧٨٤ |
| ١٩٧٤ع | ——— | ٥٨٦ | ——— | ٣١٠٤٩ |
| ١٩٧٥ع | ——— | ٣١٣ | ——— | ١٣٤٣٩ |
| ١٩٧٦ع | ——— | ١٦٤ | ——— | ١١٤٥١ |

(٣٠ جون تائين)

صنعتي جهڳڙا ۽ انهن جي فيصلن جو تعداد :-

| سال | | جهڳڙن جو تعداد | | فيصلن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| ١٩٧٢ع | ——— | ٦٢٢ | ——— | ٤٤٦ |
| ١٩٧٣ع | ——— | ٨٢٩ | ——— | ٤١٧ |
| ١٩٧٤ع | ——— | ٦٩٧ | ——— | ٣٤٨ |
| ١٩٧٥ع | ——— | ٤٠٢ | ——— | ١٨٦ |
| ١٩٧٦ع | ——— | ٢٠٤ | ——— | ١١٤ |

(٣٠ جون تائين)

www.bhutto.org

هڙتالون، لاڪ آئوٽ ۽ هڙتالن سان واسطو رکندڙ مزدورن جو تعداد :-

| سال | هڙتالون | لاڪ آئوٽ | لاڪ آئوٽ سان واسطو رکندڙ مزدورن جو تعداد | هڙتالن سان واسطو رکندڙ مزدورن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| ١٩٧٢ | ٥٢٦ | ١٥ | ٦،٨٨٥ | ٢،٢٩،٥٨٥ |
| ١٩٧٣ | ٣٠٨ | ١٢ | ٧٩٥ | ١،١٣،٦٧٥ |
| ١٩٧٤ | ١٧٤ | ٤ | ٣٧٥ | ٨٠،٤٠٤ |
| ١٩٧٥ | ١١٤ | ٣ | ١،٢٨٤ | ٦٢،٥٠٩ |
| ١٩٧٦ | ٥٤ | — | — | ١١٧،٩٦ |

(٣٠ آگسٽ تائين)



وزير اعليٰ سنڌ، جناب غلام مصطفيٰ جتوئي مزدورن جي استقباليه ۾ تقرير ڪري رهيو آهي.

# ڪراچيءَ جي شهرين طرفان ڏنل استقباليه ۾ وزيراعليٰ سنڌ، جناب غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي تقرير مان اقتباس

١٢- آڪٽوبر ١٩٧٦ تي جناح باغ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي وڏي وزير جناب غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي مان ۾ ڪراچيءَ جي شهرين طرفان هڪ استقباليه ڏني ويئي جنهن ۾ تقرير ڪندي هن چيو ته ملازمتن ۾ ڪوٽا سسٽم ڪي ضرورت ڪان هڪ ڏينهن به وڌيڪ برقرار نه رکيو ويندو ۽ انکي مناسب وقت تي ختم ڪيو ويندو. هن چيو ته هو خود ان ڳالهه تي يقين ٿو رکي ته ملازمتون اهليت جي بنياد تي ڏنيون وڃن. ڪوٽا سسٽم موجوده حڪومت جو شروع ڪيل نه آهي بلڪ اهو ون يونٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ فوجي حڪومت شروع ڪيو هو ۽ اهو به ٻين مسئلن وانگر عوامي حڪومت کي ورثي ۾ مليو آهي. هن چيو ته هو ڪنهن به فيصلي ڪرڻ وقت اهو نه سوچيندو آهي ته واسطيدار سنڌي، مهاجر، پنجابي، پٺاڻ يا بلوچ آهي. هو سڀني کي پاڪستاني سمجهندو آهي. هن چيو ته هو سمجهي "ٿو ته صوبي سنڌ ۾ رهندڙ سڀئي پاڪستاني ۽ سنڌي آهن ۽ سڀني جي خدمت ڪرڻ هن جو فرض آهي هن جو هي پختو ايمان آهي ته پاڪستان آهي ته سنڌ به آهي ۽ سنڌ آهي ته پاڪستان به - جيستائين پاڪستان رهندو ته سنڌ به رهندي.

وزير اعليٰ پنهنجي تقرير ۾ ڪراچيءَ جي ڪيترن مسئلن جو ذڪر ڪيو. ڪراچي جي ٽرانسپورٽ جي مسئلي جو ذڪر ڪندي هن چيو ته گذريل ٽن سالن ۾ ڪراچيءَ ۾ پنج سو بسن جو اضافو ڪيو ويو آهي. صوبائي حڪومت وفاقي حڪومت کي درخواست ڪئي آهي ته ڪراچيءَ جي هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي وڃي. هن چيو ته اميد آهي ته وزير اعظم جي هدايت موجب سڀني صوبائي گادي وارن شهرن ۾ ٽرانسپورٽ جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ وفاقي حڪومت مدد ڪندي. هن چيو ته ڪراچيءَ جي لاءِ هڪ جامع منصوبو تيار ڪيو پيو وڃي جنهن موجب شهر جي ٻاهرين علائقن ۾ ٽرام ڪارون هلنديون ۽ انهن ٽرام ڪارن جي مرڪزن کي بسن جي ذريعي شهر جي سڀني اهم علائقن سان ملايو ويندو.

www.bhutto.org

اياز قادري

# اي وطن!

اي زمين وطن - اي چمن در چمن،
مينهن رحمت جا تو تي هميشہ وسن،
خاڪ تنهنجي ۾ جڻ آهہ مشڪ ختن،
تنهنجا صبح و مسا ضوفشان ضوفگن،
تو تان سر ساهہ منهنجا سدائين نثار.

تنهنجي کيتن جي قائم رهي شل بهار،
تنهنجا واهڻ ۽ وسيون - ٿين لالہ زار،
شاد تنهنجا سدائين رهن سبز زار،
گيت تنهنجا فضائن ۾ گونجن هزار،
سونهن ۾ سرس تنهنجا گلن کان بہ خار.

تنهنجي تصوير آ مثل جنت بڻي،
تنهنجي راهن ۾ راحت ملي ٿي گهڻي،
تنهنجي شبنم جي هر بوند هيري ڪڻي،
مرڪ تنهنجي گلن جي وجي دل ڪٺي،
هير تنهنجي سان هر ڪنهنجو من ٿي بهار.

واجد ناز

# گيت

ڪلفت جا داغ مٽائي
چاهت جا ديپ جلائي
نئون روحن کي رنگ لايون
نفرت جي آڳ اجهايون.

جيئن موج سنڌوءَ جي ڪاهي
ٿي ديس کي سبز بڻائي
تيئن گهر گهر پريت پچايون
نفرت جي آڳ اجهايون.

هر نفرت کان مک موڙي
سڀ ڪوڙيون رسمون ٽوڙي
هڪ نئون سنسار سجايون
نفرت جي آڳ اجهايون.

ڇو پورهيت هنجو هاري
مظلوم کي حق ڏياري
هِڪ پاڪ سماج بڻايون
نفرت جي آڳ اجهايون.

www.bhutto.org

شعبان بخت

# آزاديءَ جي واڳ

آزاديءَ جي واڳ سنڀاري جهل - او سائي!
آزاديءَ جي آهه املهه هر پل - او سائي.

آزاديءَ لاءِ ڪيڏا سور نه سر تي سٺاسين
ڪيڏيون روئندڙ راتيون ۽ ڏهلا ڏينهن ڏٺاسين
ڪيڏا ڪيا صيادن پئي، ول ڇل - او سائي
آزاديءَ جي واڳ سنڀاري جهل - او سائي.

آزاديءَ جو سودو آهي ڏاڍو مهانگو
ساهه نه ڇاتو ڪيڙو جنهن سر ساهه جو سانگو
آزادي نت آهي نينهن اڇل - او سائي.
آزاديءَ جي واڳ سنڀاري جهل - او سائي.

آزاديءَ جي عزت جو مٽ پاڻ نه ڪوئي
اهڙو عزت جهڙو پيو اهڃاڻ نه ڪوئي
آزاديءَ جو هر هڪ ساهه سڦل - او سائي
آزاديءَ جي واڳ سنڀاري جهل - او سائي.

آزاديءَ جي معني آهي شاهه عنايت
ناحق جي هر هوڏ ۽ هٺ جي هار ۽ ذلت
آهي اهــا شهباز ۽ شاهه سچل - او سائي
آزاديءَ جي واڳ سنڀاري جهل - او سائي.

اياز ڪتري

# نظم

ڊيس ڪان دور!
سوچيان ويٺو ......
جيڪر مان
شاعر هجان ها
تنهنجي ياد ۾
شعر لکان ها - !
۽ تون
شعر پڙهي
ڪجھه مرڪين ها
يا پيارا ڪجھه،
سوچين ها
ڪير تو مونکي،
شعرن ۾ جهونگاري
پر افسوس......!
شاعري مونکان
اڃين آ دور
جيئن مان آهيان،
ديس ڪان دور......!

www.bhutto.org

ميرزا فتح علي بيگ عارف

# غزل

رازعشق اظهار جـــي قابل ڪٿي
جـــرم هي اقرار جـي قابل ڪٿي

هنجالب اقرار جـــي قابـل ڪٿي
گـل ٽـيڻا، هن ٻار جـي قابـل ڪٿي

ديد جـي قابل حسين آهن گهڻا
هر نـظـر ديـدار جـي قـابـل ڪٿي

چشم پرخون، شق جگر، دل داغدار
هڪ بہ نـذر يـار جـي قابل ڪٿي

چڱ بہ گلشن کي هيئر نرگس ڪٿي
هـي هـوا بـيـمـار جـي قـابل ڪٿي

قابـــل سجـــده در دلـــدار آه
سر در دلـدار جـي قـابـل ڪٿي

شاعري لئي طبع رنگين تـي ڪيي
هر زمين گلـــزار جـي قابل ڪٿي

اڄ هٿن پنهنجن سان هو مئي ڏي پيو
پوءِ هي شئي انڪارجي قابل ڪٿي

خاموشي منهنجي تي ”عارف“ هيئن چوي
درد دل اظهـــارجـــي قـــابل ڪٿي

www.bhutto.org

ساجد لعلپوري

# ڪوشش

نه ٿي ويندي جهان اندر آ ڪنهن جي رائگان ڪوشش،
هميشه ٿيندي آهي ڪامياب و ڪامران ڪوشش.

انهي جا مطلب و مقصد سڀئي پورا ٿيا آهن،
ڪئي جنهن دل سچيءَ سان آهه هردم مهربان ڪوشش.

آسان جون مشڪلاتون ٿي وڃن آسان جيڪر سڀ،
مجاهد ٿي ڪريون مردانگي سان جي اسان ڪوشش.

نه هڪ پيرو ڪري ڪوشش ٿيو پو سست اي ساٿيو!
ڪندا ساري رهو نه زندگاني ئي اوهان ڪوشش.

پلائي ڪار جنهن نه ٿي وڃي توکي سدا حاصل،
ڪرڻ توکي ته اهڙي ڪار لئي گهرجي ميان ڪوشش.

انهي جو وقت گذري ٿو سکن ۾ دوستو! هردم،
زماني ۾ ڪندو جيڪو رهي ٿو جاودان ڪوشش.

دلِ بيتاب جي آهي اهائي آرزو ”ساجد“
ڪندو شل نيڪ مقصد لاءِ هردم ماں رهان ڪوشش.

www.bhutto.org

عورتن جي هفتي جي
سلسلي ۾

# بيگم نصرت ڀٽو جو پيغام



عورتن جي حقن لاءِ عوامي حڪومت جنهن عظيم جدوجهد جو آغاز ڪيو آهي اهو سڀني لاءِ باعث فخر آهي. ملڪ ۾ پهريون دفعو اسان عورتن جي بهتريءَ لاءِ قانون ٺاهيا ويا. اسان جي حقن لاءِ ڪميٽيون ترتيب ڏنيون ويون. اسان جي حفاظت لاءِ مثبت قدم کنيا ويا. اسانکي حڪومت، انتظاميه ۽ نوڪرين ۾ نمائندگي ڏني ويئي. اسانکي ڏاج جي رقم کان آزاد ڪرايو ويو. اهڙيطرح اسانجي گهرن ۾ خوشين جو ڇوليون آهي. مائرن جي چهري تي سڪون آهي. ڀينرن جي اکين ۾ اطمينان آهي. ڌيئرن جي ذهن ۾ بهتر مستقبل جي تصوير آهي.

هيءَ ڳالهه فخر سان چئي سگهجي ٿي ته اڄ نه صرف محنت ڪش ۽ هاري بيدار آهن، نه صرف دانشور ۽ نوجوان خبردار آهن، نه صرف شهري ۽ عوام باشعور آهي پر اڄ هن ملڪ جي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءَ بيدار ٿي چڪيون آهن. عورت جي بيداري هن ڳالهه جي علامت آهي ته هاڻي جهالت جو دور ختم ٿي رهيو آهي. تعليم يافته ڀينرو! اسانکي پنهنجي پاڻ کان پڇڻو پوندو ته اسان پنهنجي ملڪ جي بهتريءَ لاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ اسان قوم جي ترقيءَ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا آهن؟ اسان معاشري جي ڪهڙي طرح خدمت ڪئي آهي؟ جيڪڏهن اسان سٺا شهري آهيون تڏهين ئي اسان بهترين ڌيءَ، بهترين زال ۽ بهترين ماءُ ثابت ٿي سگهون ٿيون.

www.bhutto.org

عورتون جيڪي اسيمبلين ۾ آهن يا ڪنهن ٻئي شعبي سان تعلق رکن ٿيون انهن کي پنهنجي محنت سان اهو ظاهر ڪرڻو پوندو ته عورتون قوم جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪنهن کان پوئتي نه آهن. اسانکي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته اسين انهن حقن جون حقدار آهيون جيڪي اسان کي ڏنا ويا آهن. اسانکي اهو پڻ ثابت ڪرڻو پوندو ته عورتون سرڪاري ملازمت جا فرض بخوبي انجام ڏيئي سگهن ٿيون.

مونکي پنهنجن ڀائرن ۽ پٽن کي اهو چوڻو آهي ته توهان به اسانجي اخلاقي مدد ڪريو حڪومت عورتن کي ڪجهه حق ڏنا آهن. انهن حقن جي عملي تعبير اوهان جي تعاون کانسواءِ مشڪل آهي.

جڏهين اسين اهو چئون ٿيون ته عورتن کي حق ڏنا وڃن ته ان مان اسان جي اها مراد آهي ته اسانکي علم حاصل ڪرڻ جي آزادي هجي، اسانکي معاشي ۽ سياسي جدوجهد ۾ حصو وٺڻ جي آزادي هجي جيئن اسين بهترين زال، بهترين ڌيءَ ۽ بهترين ماءُ بڻجي سگهون. آخر عورت به انسان آهي ان جون به خوشيون ۽ غم آهن، اها به باشعور آهي. هن ۾ به زندگيءَ جو بار کڻڻ جي همت آهي ته پوءِ ڇو نه هن کي موقعو ڏنو وڃي ته هوءَ به پنهنجي گهر، پاڙي، شهر ۽ قوم جو هٿ ونڊائي سگهي. هو به پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن جو وزن ورهائي سگهي. اڄ جي ائٽمي دور ۾ عورت ۽ مرد گڏجي ئي زندگيءَ جو بار کڻي سگهن ٿا.

جڏهين اسين گڏجي هلنداسين ته اسان جا گهر جنت بڻجي ويندا. اسان جا ڀائر ۽ پٽ به سک جو ساهه کڻي سگهندا، هو به سڪون ۽ راحت ۾ هوندا ۽ سڄي سوسائٽي يڪسانيت سان اڳتي وڌندي رهندي.

قومن جو مقدر عورتن جي مقدر سان وابسته آهي، عورت جي بي بسي پوري قوم جي بي بسي آهي. جيستائين ماءُ سک ۾ نه هوندي، ٻارن جي بهتر طور تي پرورش ۽ تربيت نه ڪري سگهندي. جيستائين هنکي انسان نه سمجهيو ويندو، هوءَ ڪيئن عظيم انسان کي پنهنجي گود ۾ ڪيڏائيندي. جيستائين هنکي ڪمتر سمجهيو ويندو. جيستائين هن جي وجود کي بار سمجهيو ويندو، يقين ڪريو قوم جي تقدير بدلائڻ جي هر تدبير اڌوري رهجي ويندي ۽ ترقي ۽ خوشحاليءَ جي هر اميد مٽيءَ ۾ ملي ويندي.

www.bhutto.org

امدادي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ هر ضلع ۾ هڪ صوبائي وزير مقرر هو. خود وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي صوبي جي ٻوڏ وارن علائقن جو ٻار ٻار دورو ڪيو ۽ امدادي ڪاررواين جي باري ۾ جانچ پڙتال ڪئي. صوبائي وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي به هر متاثر ٿيل علائقي جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ امدادي ڪاررواين جو جائزو ورتو. صوبي ۾ ١٩٥ - امدادي مرڪز قائم ڪيا ويا. صوبائي حڪومت طرفان چاليهه لک رپين جي رقم امدادي ڪمن لاءِ مخصوص ڪئي ويئي هئي. جنهن مان چوڏهن لک روپيا دادو ضلع کي امدادي ڪمن لاءِ ڏنا ويا ڇو ته هي ضلعو صوبي ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻوڏ کان متاثر ٿيو. ٻين ضلعن کي جيڪا رقم ڏني ويئي انهن جو تفصيل هيٺئن آهي. جيڪب آباد ڇهه لک رپيا، سکر ڇهه لک رپيا، ٺٽو چار لک رپيا، خيرپور ٽي لک رپيا، حيدرآباد ٻه لک پنجاهه هزار روپيا، لاڙڪاڻو ٻه لک رپيا، نواب شاهه ٢ لک رپيا، سانگهڙ پنجاهه هزار رپيا ۽ ٿرپارڪر پنجويهه هزار رپيا.

ان کان علاوه پنجاهه هزار رپين جي وڌيڪ رقم سکر ڊويزن لاءِ ڪمشنر سکر جي حوالي ڪئي ويئي جنهن کي هو هنگامي حالتن ۾ پنهنجي طرفان استعمال ڪندو. هڪ لک پنجويهه هزار رپين جي رقم هنگامي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ لاءِ روينيو بورڊ ۾ رکي ويئي آهي.

## زرعي سڌارا

زرعي سڌارن تحت هن وقت تائين ١٠٠٢،٥٩٣ هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن ۾ ٩،٥٩،٧٨٨ ايڪڙ زمين ورهائي ويئي آهي. ان مان ٢،٥٥،٩٤٧ ايڪڙ ايراضي مارشل لا ريگيوليشن نمبر ١١٥ هيٺ ٢٧،٢٥٤ هارين ۾، ٣،٤٥،٦٨١ ايڪڙ سرڪاري زمين ٤٩،٦٧٠ هارين ۾، ٤٩،٦٦٦ - ايڪڙ سرينڊرڊ زمين ٦،٣٨٨ هارين ۾ ۽ ٣،٠٨،٤٩٤ - ايڪڙ ڪڇي علائقي جي ايراضي ١٩،٢٨١ هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن ۾ ورهائي ويئي آهي.

باقي بچيل ايراضي به ڪليل ڪچهرين ذريعي هارين ۽ ڪاتيدارن ۾ ورهائي ويندي. آئون هتي اهڙن هارين ۽ ڪاتيدارن کي اها اپيل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته هو حڪومت طرفان مليل موقعي مان فائدو حاصل ڪن ۽ پيداوار ۾ اضافو ڪن جيئن ملڪ کي گهٽ ۾ گهٽ عرصي ۾ خوراڪ جي معاملي ۾ خود ڪفيل بڻايو وڃي.

هارين جي ناجائز بي دخليءَ جو حڪومت هميشه سختيءَ سان نوٽيس ورتو آهي.

www.bhutto.org

مهيني روينيو آفيسرن کي هدايت ڪئي ويئي آهي ته هو اهڙن زميندارن خلاف سخت قدم کڻن جيڪي هارين جي حقن کي غصب ڪن ٿا. زرعي سڌارن جي نافذ ٿيڻ بعد ٣١،٠٥٩ هارين جي بيدخليءَ جا ڪيس رجسٽر ٿيا جن مان ٣١،٠٣٢ ڪيسن جا فيصلا ڪيا ويا جڏهين ته ٢٧ ڪيس اڃا تائين مختلف عدالتن ۾ زيرسماعت آهن ۽ واسطيدار حڪام کي انهن جي باري ۾ جلد فيصلا ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

هارين ۽ زميندارن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ منهنجو ارادو ته ذري هاري ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو هو جنهن ۾ هارين، زميندارن ۽ عوامي نمائندن جي شموليت جي تجويز هئي ۽ طئه ڪيو ويو هو ته گڏجي هڪ اهڙو لائحه عمل تيار ڪيو وڃي جو هڪ ٻئي جي وچ ۾ آئينده مسئلا پيدا نه ٿين، انهي ڪانفرنس کي بدين ۾ منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو پر سخت برساتن ۽ ٻوڏ سبب ان ڪانفرنس کي منعقد ڪرڻ جو فيصلو وقتي طور ملتوي ڪيو ويو آهي. اميد آهي ته ايندڙ مهيني کان اهڙي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي ۽ ان جو انعقاد ضلع سطح تي هوندو.

## لئنڊ روينيو سڌارا

لئنڊ روينيو سڌارن تي عملدرآمد ٻارهن مختلف مرحلن ۾ ٿيڻو هو جنهن مان پنج مرحلا قانون جو نافذ، نوٽيفڪيشن جو جاري ٿيڻ، ڊڪليئريشن فارمن جي ڇپائي، ڊڪليئريشن فارمن کي جمع ڪرڻ ۽ ڊڪليئريشن فارمن کي سنڌ اندر توڙي ٻاهر موڪلڻ جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ هن وقت تائين ٢٨،٣٤٣ ڊڪليئريشن فارم فائنل ٿي چڪا آهن. صوبائي روينيو کاتي طرفان ٽي لک رپيا فراهم ڪيا ويا آهن جن مان ٣٥،٢٢٠ رجسٽر ڇپايا ويا آهن پر صوبي ۾ ڊپٽي ڪمشنرن کي اڃا تائين نه موڪليا ويا آهن ڇو ته برسات ۽ ٻوڏ جي ڪري رستا بند هئا.

صوبي ۾ ٧،٨٠،٩٥٣ زميندار آهن جن جي قبضي ۾ ١،١٤،٧١،٧٨٣ - ايڪڙ ايراضي آهي. لئنڊ روينيو سڌارن تحت ٥،٢٣،٣٤٢ زميندار جن جي قبضي ۾ ٣٤،١٢،٦١٥ - ايڪڙ ايراضي آهي، هاڻي لئنڊ روينيو حڪومت کي نه ڏيندا ۽ اهڙيطرح ١،٢٨،٣٥،١٨٥ رپين جو حڪومت کي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو جيڪو وڏن زميندارن کان ڪنهن حد تائين پورو ڪيو ويندو. اهڙيطرح ستر سيڪڙو زميندارن کي لئنڊ روينيو سڌارن مان فائدو پهتو آهي ۽ هي عوامي حڪومت جو اهم قدم آهي جنهن سان گهڻي تعداد ۾ غريب هارين ۽ ڪاتيدارن کي فائدو پهتو.

www.bhutto.org

محمد موسيٰ پنهور

# دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ٻوڏ جا اڳاٽ ۽ امدادي ڪارروائيون

هن سال ملڪ ۾ جيڪا زبردست ٻوڏ آئي ۽ ملڪ ۾ تباهي آندائين، اها اڃا ختم ئي مس ٿي ته وري برساتن جو سلسلو شروع ٿيو ۽ سڄي ملڪ ۾ خاص طور بلوچستان ۽ سنڌ صوبي ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو، فصل ٻڏي ويا، گهر ڊهي پيا ۽ رستا تباهه ٿي ويا.

سنڌو نديءَ جو ٻوڏ وارو پاڻي اڃا سمنڊ تائين پهتو ئي مس هو ته مٿان بلوچستان جي جبلن کان برسات جي پاڻي جي زبردست ريلي سنڌ ڏانهن رخ ڪيو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ داخل ٿيو جنهن جي ڪري لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ وري ٻوڏ جهڙيون حالتون پيدا ٿيون، نتن اٿلڻ ڪري صورتحال خراب ٿي ويئي، سوين ڪچيون ۽ پڪيون جايون ڪري پيون ۽ وڏي تعداد ۾ جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. جيڪي ڳوٺ ۽ فصل ٻوڏ کان بچيا هئا اهي برساتن تباهه ڪري ڇڏيا.

بلوچستان جي پاڻيءَ جو پهريون حملو ضلعي لاڙڪاڻي تي ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترا گهر ۽ فصل تباهه ٿي ويا. سنڌ جو وڏو وزير جناب غلام مصطفيٰ جتوئي ٻوڏ کان بچاءَ وارن اپائن ۽ امدادي ڪمن جي جائزي وٺڻ لاءِ هڪدم لاڙڪاڻي پهچي ويو. ٨ سيپٽمبر تي جتوئي صاحب ڪير ٿر علائقي، قبو سعيد خان ۽ شاهان پتوجا ۾ قائم ڪيل امدادي ڪئمپن جو دورو ڪيو ۽ ٻوڏ جي ستايان کي يقين ڏياريو ته کين ٻيهر آباد ڪرڻ لاءِ حڪومت هر ممڪن ڪوشش ڪندي. وزير اعليٰ ايف - پي بند ۾ پيل گهاري جو پڻ معائنو ڪيو.

www.bhutto.org

ٻوڏ جو اطلاع ملنديئي وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو ٻه لاڙڪاڻي پهچي ويو ۽ متاثر علائقن ۾ ٿيندڙ امدادي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو. لاڙڪاڻي کان ست ميل اولهه ڏوري شاخ وٽ هڪ ميڙ کي خطاب ڪندي ڀٽي صاحب ماڻهن کي چيو ته ”اوهان دل نه هاريو ڇاڪاڻ ته اوهان جو ڏک منهنجو ڏک آهي“ ۽ کين يقين ڏياريائين ته سندن هر ممڪن مدد ڪئي ويندي.

ساڳئي ڏينهن وزير اعظم دادوءَ پهتو ۽ ماڻهن جي هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي چيائين ته ماڻهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ لاءِ کين قرض ڏنا ويندا، دادو ضلعي ۾ تباهه ٿيل رستن کي ٺاهيو ويندو ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جا تقاوي قرض معاف ڪيا ويندا. وزير اعظم فوجي جوانن جي پڻ تعريف ڪئي جيڪي رات ڏينهن ٻوڏ جي حملن کي روڪڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا.

هوڏانهن سيف الله مگسي واهه جي بند ۾ گهاري پوڻ سبب پاڻيءَ ڏوري مائنر ۽ قبو شاخ جي وچ ۾ سرسبز علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا آهن جن جو تعداد اٽڪل ساڍا ٽي سو کن آهي ۽ اٽڪل پنجاهه هزار ماڻهو متاثر ٿيا آهن.

انهي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ١١ سيپٽمبر تي دادوءَ ۾ صوبائي وزير آبپاشي جناب در محمد اوستي جي صدارت هيٺ واسطيدار عملدارن جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ ۽ ان جي زور ڀڃڻ لاءِ ڪيترن اپائن تي غور ڪيو ويو. گڏجاڻيءَ ۾ ٻوڏ جي ستايلن ۾ کاڌ خوراڪ ورهائڻ ۽ چوپائي مال ۾ بيمارين جي روڪ ۽ علاج لاءِ گشتي ٽيمون مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هن وقت ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پاڻي لهي ويو آهي ۽ آتي حڪومت طرفان ڇيٽ جا ٻج جن ۾ سرنهن، جانئو ۽ ٻيا ٻج شامل آهن مفت ۾ ورهايا پيا وڃن ۽ مختلف هنڌن تي ٻجن جا ڊيپو قائم ڪيا پيا وڃن جن لاءِ ساسو (SASO) وارن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه سنڌ حڪومت جي خوراڪ کاتي طرفان دادو ضلعي ۾ ڪڻڪ جون ساڍا ست سو ٻوريون متاثر ماڻهن ۾ مفت ورهايون ويون ۽ هيليڪاپٽرن ذريعي ٻه هزار امدادي پئڪيٽ اڇلايا ويا. حڪومت پاران ٻارهن هزار مڻ کان ٻه وڌيڪ کير جو پائوڊر ٻوڏ کان متاثر ٿيل ماڻهن ۾ ورهايو پيو وڃي.

www.bhutto.org

# پيغام "۴۶" ڪراچي

هن ڇيو ته پاڪستان رمضان جي مهيني ۾ سرحد جي هن پارڪان وڏي پيماني تي مسلمانن جي هجرت جي شروعاتي مرحلن ۾ وجود ۾ آيو هو، وزيراعظم چيو ته ان موقعي تي اسين پنهنجن احساسن ۽ خوشين کي ملت جي لکين بي گهر ٿيل ماڻهن لاءِ تشويش ۽ همدرديءَ سان ملهائي، هن سال بهتر طرح ساڳئي جذبي جو اظهار ڪنداسين.

وزيراعليٰ سنڌ پڻ عيد واري پيغام ۾ صوبي جي هرهڪ فرد کي اپيل ڪئي ته ٻوڏ جي متاثرين لاءِ وزيراعظم جي امدادي فنڊ ۾ دل کولي عطيا ڏنا وڃن، جيئن قدرتي آفتن کان متاثر ٿيل ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاريءَ واري ڪم کي هٿي ملي، جي انهن آفتن ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا آهن. هن چيو ته برسات ۽ ٻوڏ کان متاثر ٿيلن جي حالت تي منهنجي دل هن سال، عيد جي ڏينهن به ڏکويل آهي.

حڪومت جي هدايت تي هائوس بلڊنگ فيننانس ڪارپوريشن سنڌ ۾ ٻوڏ ۽ مينهن ڪري متاثر ٿيل گهرن جي نئين سر تعمير ۽ مرمت بابت قرض ڏيڻ جي هڪ جامع اسڪيم تيار ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ٻوڏ کان متاثر سڀني علائقن ۾ ڪارپوريشن جي اسٽاف تي مشتمل ٽيمون پهچي چڪيون آهن. گهربل ڇڪاس ڪانپوءِ جيئن ئي ماڻهن کان درخواستون، ڪارپوريشن کي ملنديون تيئن پڪن گهرن تعمير ڪرڻ لاءِ في خاندان پنج هزار روپيا، پڪن گهرن جي مرمت لاءِ وڌ ۾ وڌ ٻه هزار روپيا ۽ ڪچن گهرن جي تعمير لاءِ هڪ هزار رپين جا قرض ڏنا ويندا. ڪچن گهرن وارا قرض پنجن سالن لاءِ ۽ پڪن گهرن وارا ڏهن سالن لاءِ هوندا.

---

"مان اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته هن زمين تي اوهان جي ضمير جي قوت کان وڌي ٻي ڪا به قوت ڪانهي. مان چاهيان ٿو ته جڏهن اوهان خدا جي روبرو پيش ٿيو ته پوري اعتماد سان چئي سگهو ته مان پنهنجو فرض انتهائي ايمانداري ۽ وفاداري سان انجام ڏنو."

— قائداعظم.

---

www.bhutto.org

ڪريم بخش خالد

# سنڌ جو جمالياتي ورثو

ڪائنات جي هر سؤ ۽ هر وٿ ۾ حسن مطلق جو پرتو آهي. الله جميل و يحب الجمال جو تفسير، هيءَ ڪائنات آهي جنهن نقطہ کي لطيف سائينءَ هن طرح ادا ڪيو آهي:

پريان سندي پار جي، مڙوئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چت ڪري.

سنڌ، دنيا جي قديم ترين تهذيب جو گهوارو آهي حضرت مسيح جي ڄمڻ کان پنج هزار سال اڳ جي دور کانوٺي، موجوده ويهين صديءَ تائين، هتي مختلف دورن ۾، مختلف قومون اچي آباد ٿيون. زمين جو هيءُ خطو پنهنجي سبزه ۽ شادابيءَ سببان ۽ سنڌونديءَ جي سڦل ۽ سيتل پاڻيءَ سببان، اربين سالن کان جڳ مشهور هو ۽ ظاهر آهي جتي رزق جي آساني ۽ گهڻائي هجي، اتي تهذيب ۽ شائستگي؛ تمدن ۽ جمالياتي قدرن جي نشو و نما ۽ فروغ ممڪن ٿيو پوي.

## موئن جو دڙو

قدرت جي انهن ئي عظيم نعمتن سببان هتي به تهذيب ۽ تمدن جو جڳ مشهور دور آيو. موئن جي دڙي جون جايون، انهن جي اڏاوت، شهري سهوليتن جو بندوبست، عورتن جو هار سينگار، مردن جي بود و باش، عبادتگاه ۽ قديم آثارن جون هٿ آيل ٻيون ڪيتريون شيون، انهيءَ عظيم، روشن ۽ وقار واري ماضيءَ جي دلالت ڪن ٿيون ۽ انهيءَ حقيقت جي صداقت ثابت ڪن ٿيون ته انوقت، جڏهين دنيا ۾ سماجي اونده ۽ معاشرتي مونجهه هئي، تڏهين سنڌ ۾ سجاڳي، سوجهرو ۽ سماجي ساڃهه ايتري هئي جو عورتون ستر ڍڪينديون هيون. وهنجڻ جو الڳ انتظام هوندو هو. معاشرتي ميل ميلاپ، ڏڻ ۽ ڪٽنبي ميڙ، صحيح ۽ سچي خوشي، پاڻ ۾ آنس ۽ محنت ۽ باهمي تعاون ۽ ايڪي اتفاق جو مظاهرو ڪندڙ هئا. ازانسواءِ پنچائتي نظام جو رواج هو ۽ باهمي عزت ۽ رواداريءَ جي رويہ سببان جهيڙا جهڳڙا ڪونہ ٿيندا هئا ۽

www.bhutto.org

جيڪڏهين ڪا بي اتفاقي يا رنجش پيدا ٿي ته باهم ڪي پنهنجي ڪان اڳ ٿي، فريق ڪير ڪنڊ ٿي ويندا هئا.

انهيءَ دور ڪانپوءِ اٽڪل ١٥٠٠ سال، ولادت مسيح کان اڳ، اتر طرفان هڪ ٻي قوم آئي، جنهن موئن جي دڙي، ڪوٽ ڏيجي ۽ آمري جي آباد تهذيبن کي تلف و تاراج ڪيو، ماڻهن کي قتل ڪيو يا ڀڄائي ڪڍيو ۽ هو خود آباد ٿيا. انوقت جي سنڌ کي رگويد، سپتا سنڌاوا سڏيو آهي ۽ سنڌوندي‌ءَ کي خدا جو ڪرشمو چيو آهي.

انکانپوءِ هڪ هزار سالن جي عرصي تائين سنڌ جي تاريخ بابت ڪوبه احوال نٿو ملي، البته روايتي ۽ لوڪ آکاڻين ۾ بيان ٿيل هڪ راجا جئرٿ جو ذڪر اچي ٿو جيڪو، حضرت مسيح جي، ڄمڻ کان ١٢ يا ١٣ سؤ سال اڳ قديم سنڌ تي حڪومت ڪندو هو.

## سڪندر اعظم جي ڪاهه

ڇهين صديءَ ۾، سنڌ تي مهاتما گوتم ٻڌ جي تعليم جو اثر پيو ۽ انهيءَ ئي دور ۾ ايران (فارس) جي شاهه، دارا پهرئين سنڌ ڏانهن لشڪر موڪليو ۽ سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجي سلطنت جو ويهون صوبو بڻايو. ٣٢٥ سال مسيح کان اڳ، سڪندر اعظم سنڌو ماٿريءَ تي چڙهائي ڪئي. هن يوناني نوجوان بادشاهه سنڌو واديءَ ۾ وسيع پيماني تي ڪوس ڪيو. سيوهڻ شهر جي اڏاوت ۽ اتيجو ڪافر قلعو سندس يادگار چيا وڃن ٿا. هو سنڌ مان سنڌو نديءَ ذريعي لنگهيو ۽ لسٻيلي کان، پنهنجي وطن واپس وريو.

## يوناني اثر

سنڌ تي يوناني تهذيب ۽ تمدن جو اثر اٽڪل ويهه سال ڪن رهيو. جيسين سندس وارث، سيليوڪس نيڪٽر جو سياسي غلبو رهيو ڇو ته ٣٠٥ سال مسيح کان اڳ نيڪٽر جي سلطنت جا: هند ۽ سنڌ جا حصا، سندس ڌيءَ جي ڏاج طور، موريا خاندان جي سربراه، چندرگپتا کي مليا.

سؤ سالن ڪانپوءِ، ١٩٥ سال مسيح کان اڳ، اتر اولهه ۾ بئڪٽيرين يوناني غالبي ۾ آيا. اهو دور مسيح کان اڳ ١٥٠ سالن تائين رهيو جيئن موئن جي دڙي مان لڌل سڪن مان مينيندر بادشاهه جو ذڪر ملي ٿو جيڪو ١٥٥ سال قبل مسيح، ڪابل، پنجاب ۽ سنڌ جو حاڪم چيو وڃي ٿو.

www.bhutto.org

## ٻڌ ڌرم جو اثر

حضرت مسيح کان ١٢٠ سال اڳ ڪانوڻي ولادت مسيح کان ٢٠٠ سال پوءِ واري دور ۾ سٿي ۽ ڪشن خاندانن سنڌ تي حڪومت ڪئي، جيڪي ترڪيءَ نسل جا هئا جنهن سببان سنڌ تي ترڪي قبيلن جو تمدني اثر پيو. انڪانپوءِ راجا ڪنشڪ جي حڪومت ۾ ٻڌ ڌرم زور ورتو ۽ سنڌ ۾ ٻن سؤ سالن تائين ٻڌي اثر غلبي ۾ رهيو. وسوديوا راجا جا سڪا، موئن جي دڙي مان مليا آهن.

## ايراني اثر

ٽين صدي عيسوي کان ڇهين صدي عيسويءَ تائين سنڌ، ايران جي ساساني تسلط هيٺ رهي، جيتوڻيڪ وچ ۾ ڪجهه عرصو پارٿين ۽ سفيد هنن جي به هتي حڪومت رهي ۽ ڪجهه وقت راءِ خاندان جي راجا، سهراس، ايران جي اثر کان باغي ٿي، حڪومت ڪئي، پر سيستان جي گورنر کيس شڪست ڏني.

## عربي تمدن جو اثر

خسرو پرويز جي وفات کانپوءِ، ستين صدي عيسوي ۾ ايراني تسلط ختم ٿيڻ لڳو. انهيءَ صورتحال ۾، هڪ عيال ۽ چالاڪ برهمڻ چچ، سنڌ جي تخت تي ويٺو. چچ ۽ سندس پٽ ڏاهر سنڌ جي عوام سان، جنجي اڪثريت ٻڌ ڌرم جي پوئلڳ هئي، گهڻا ظلم ۽ سماجي ستم ڪيا. آخر هڪ عرب نوجوان سپه سالار محمد بن قاسم، ٧١١ع ۽ ٧١٢ع ۾ ڏاهر کي شڪست ڏيئي، سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم ڪئي، جيڪا، هندوستان ۽ پاڪستان جي برصغير ۾ پهرين مسلم حڪومت هئي جنهن سببان سنڌ کي "باب الاسلام" جو شرف حاصل ٿيو.

سنڌ تي عربن جي حڪومت ٧١٢ع کان ١٠٥٨ع تائين رهي جنهن سنڌ جي تمدني، ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ عظيم انقلاب آندو جنهنجو شجر اڄ به ثمر کان ڀرپور آهي. هڪ خدا جي بندگي ڪرڻ سببان، هتيجي ماڻهن جي قول، فعل ۽ عمل ۾ صداقت ۽ خلوص پيدا ٿيو. دليون، هڪ ابدي نور سان منور ٿيون جنهن سببان چوطرف علم ۽ عمل جو چرچو ٿيو. ملڪي انتظام، فن حرب، عمارت سازيءَ جي هنر، اٺڻ ويهڻ ۽ کاڌ خوراڪ جي عادتن ۾ تبديلي رونما ٿي. نڪاح جي رواج سببان، عورت جي سماجي حيثيت ۾ خوشگوار اضافو ٿيو.

www.bhutto.org

اسلام جي تعليم سببان، باهمي حسد ۽ رقابت جي ڪاروائين ۾ ڪمي ۽ امن، صلح ۽ آتشي جو رجحان وڌڻ، سماجي نظام ڪي اوچ نيچ جي برائيءَ کان پاڪ ڪيو ويو ۽ پراڻين فضول رسمن کي ختم ڪيو ويو. زراعت ۽ واپار ترقي ڪئي ۽ سنڌ جي ڪيترن عالمن، عرب ملڪن ۾ پنهنجي علم، فضل ۽ ڪمال سببان نالو ڪڍيو.

## نئين معاشري جو وجود

بهرحال، سنڌ ۾ هڪ صالح، مضبوط، فعال ۽ چوڏس چوڌار پکڙجڻ جي قوت رکندڙ معاشرو قائم ٿيو جنهن جي بنياد تي، ۱۰۵۸ع کان ۱۳۴۹ع تائين سومرا سردارن، ۱۳۴۹ع کان ۱۵۲۰ تائين سما سلطانن، ۱۵۲۰ع کان ۱۵۵۵ع تائين ارغونن، ۱۵۵۵ع کان ۱۵۹۲ع تائين ترخانن، ۱۵۹۲ع کان ۱۷۳۷ع تائين مغلن جي گورنرن، ۱۷۰۰ع کان ۸۲ سالن تائين ڪلهوڙا حاڪمن ۽ انهن کانپوءِ ۱۸۴۳ع تائين ٽالپر اميرن، سنڌي معاشري تي، اسلامي تعليم جي خاڪي اندر، رنگ پريا.

۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين انگريز حڪمرانن ساري هندوستان ۾ هڪ قوميت جي تصور جي آبياري ڪئي ۽ هڪ مشترڪ سماجي نظام رواج ۾ آڻڻ لاءِ تعليمي، سماجي، ثقافتي ۽ تمدني محاذن تي، هندن سان گڏجي مختلف طور ۽ طريقي سان منظم ڪوشش ڪئي. انهن ڪوششن جي نوعيت ترغيبي، تبليغي ۽ تفرقيبازيءَ جي رهي. ذهني جنگ، تاليف قلب لاءِ مختلف مادي ڪششون، روزگار جي وسيلن ۽ ذريعن جون رشوتون، اهڙا چند حربا هئا جن جي ذريعي، مسلمانن جي انهيءَ مضبوط سماجي، تمدني ۽ ثقافتي حصار ۾ شگاف وجهي، انکي مسمار ڪرڻ جون بار بار ۽ لڳاتار ڪوششون ڪيون ويون. پر اها شمع ڪيئن گل ٿي سگهندي، جنهن کي خدا روشن ڪيو هجي ۽ هوا، فانوس بڻجي، انجي حفاظت ڪندي هجي.

## جمالياتي رعنائيون

سو سنڌ جون سماجي، تمدني ۽ ثقافتي روايتون گذريل ستن هزار سالن کان، پنهنجي جمالياتي رعنائين ۽ اسلام جي ابدي نور سان منور ٿي، اڄ به تابنده ۽ پائينده آهن.

موئن جي دڙي جي عمارت سازيءَ جي فن ۾ مسلم تهذيب جو اضافي اثر هي ٿيو جو عبادت لاءِ وسيع ۽ خوبصورت مسجدين ٺهڻ کان علاوه گنبذي تعمير کي فروغ مليو. ديوانن

www.bhutto.org

جي چٽسالي، محرابون، وراندا ۽ آڳر رهائش جي جاين ۾ رواج ۾ آيا ـــ عدل انصاف لاءِ هڪ علحدو شعبو قائم ڪيو ويو ـــ ماليات جي نظام ۾ انقلاب آفرين تبديليون آيون ـــ زراعت ۽ آبپاشيءَ جو بندوبست بهتر بڻايو ويو ـــ تعليمي ادارا وڌيا ـــ واپار جي وڌڻ سببان، ماڻهن ۾ ڏيساور وڃڻ جو شوق پيدا ٿيو، جن وطن واپس اچڻ ڪانپوءِ، انهن ملڪن جون چڱيون تمدني ۽ ثقافتي روايتون، هتي رواج ۾ آنديون.

اهڙيطرح سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي روايتن تي يوناني، ايراني، ٻڌي، هندو، عرب ۽ ترڪي اثر پيو ۽ انهن سڀني گڏجي اسان جي معاشري کي گل سر سبد وانگر خوبصورت ۽ معمار بڻايو.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ، رسم ۽ رواج جي اختلافن هوندي به، هندوستان جي مختلف علائقن مان لڏي آيل مسلمان ڀائرن، هتي جي جمالياتي ورثي ۾ وڌيڪ ڪشش ۽ چمڪ ڌمڪ پيدا ڪئي.

سنڌ ۾ مرد مڇون رکن ٿا جيڪا جوانمرديءَ جي نشاني آهي. سر تي پڳ ٻڌڻ، عزت ۽ وقار جي علامت آهي. خود پيغمبر صلي الله عليه و سلم پنهنجي سرمبارڪ تي پڳ ٻڌندا هئا. جهولدار سٿڻ ۽ ڊگهو پهراڻ لڄ شرم ۽ حياء جي نشاني آهي جيئن ته تنگ ۽ چست ڪپڙن سببان جسم جا نقش نگار عريان ٿيو پون ٿا. جيئن عربن ۾ رواج هو ۽ اڄ به آهي تيئن سنڌين ۾ به مصافحي ۽ مفانقي جو رواج آهي. آجيان جو ڀاڪر سنڌيءَ جي دل جي صداقت ۽ دل جي خلوص جي دلالت ڪري ٿو.

راڳ، سرود ۽ حسن سماعت جا ڪئين عجيب ۽ دلفريب نمونا اسانکي ڳوٺن جي ڪچهرين، کيتن جي سرسبز پوکن ۾، واهن جي ڪپن مان ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي ڏک ۽ غم جا دشمن، امن ۽ صلح ۽ محبت ۽ اخوت جا نقيب آهن.

اهڙيطرح شادي ۽ غميءَ جون ريتون رسمون ڪٽنبي ايڪي اتفاق جو مظهر آهن. ميلاد جون محفلون، حسين عليه السلام جي شهادت جي غم جون مجلسون، سندن ديني فطرت جي غمازي ڪن ٿيون.

سوين سالن کان، ٻاهرين علائقن مان ايندڙ هزارين لکين ماڻهو هتي آباد ٿيا آهن ۽ هو هتي جي زندگي جو فطري جز بڻجي پيا آهن.

www.bhutto.org

ڊاڪٽر سيد شهزادو شاهه

# سيد فاضل شاهه

سائين فاضل شاهه جنهن جو صحيح نالو سيد محمد فاضل شاهه آهي، سال ١٢٥٢هه سنه برابر ١٨٣٦ع ۾ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. سيد محمد فاضل شاهه کي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ وارو استاد مشهور درويش آخوند حافظ محمد صابر انصاري هالائي هو.

سائين محمد فاضل شاهه ننڍي هوندي کان وٺي ذهين ۽ تيز فهم هوندو هو. بدن ۾ پنهنجن سيني هم مڪتبن يا هم سبقن کان اڳرو ۽ نفيس هوندو هو پر خدا تعاليٰ انهي اڳري جسم کي دماغ تمام سڀرو ۽ سگهارو بخشيو هو.

قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ بعد سائين فاضل شاهه کي سندس والد صاحب مولوي عبدالله صاحب ولهاري وٽ پارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏيو. مولوي عبدالله ولهاري صاحب جو تمام وڏو مڪتب حيدرآباد شهر ۾ ڀائي خان جي چاڙهيءَ تي هوندو هو. جتي نه رڳو پر پاسي جا بلڪه پري پري جا طالب علم پارسي ۽ عربيءَ جي تعليم وٺندا هئا. سائين فاضل شاهه پارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ جلد ئي مولوي محمد حسن صاحب وٽ ”علم منطق“ جي تعليم اچي ورتي.

مولوي محمد حسن صاحب اصل تعلقه دادو جو ويٺل نامور عالم هو. جنهن کي ”علم منطق“ ۾ سنڌ جا سيئي عالم استاد ڪري مڃيندا هئا. هن مولوي صاحب جو شاهي ڪتبخانو نقير جي پڙ حيدرآباد جي مائي خيري مسجد ۾ هو.

سيد محمد فاضل شاهه علم منطق جي پوري پوري ماهيت حاصل ڪرڻ بعد مڪتب ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي روءِ سوءِ پارسي ۽ عربي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪيائين جتي مشڪلات پيش ايندي هس ته اتي نشان ڪري اهي مشڪلاتون مولوي محمد حسن مرحوم کان وڃيو حل ڪرائيندو هو.

www.bhutto.org

سيد محمد فاضل شاهه جڏهن مڪتبن ۽ مدرسن جي محدود گهيري مان نڪري دنيا جي اجهاگ مڪتب ۾ قدم رکيو تڏهن هڪدم ڪيس گذران خاطر ڪنهن نه مشغوليءَ ۾ لڳڻ جو احتياج ڪونه هو. تنهنڪري جدا جدا مضمونن جي پارسي ۽ عربي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، علمي مرڪزن ۽ مجلسن ۾ حصو وٺڻ ۽ تقريرون ڪرڻ، پنهنجي هم عصرن سان تحريري مقابلو ڪرڻ، اوائلي شعر ٺاهڻ، پنهنجي پاڙي پتيءَ سان خوش خلق ۽ خوش مزاج ٿي گذارڻ اهي سڀ سندس اوائل جو خاص مشغوليون هيون.

مڪتب جي تعليم ڇڏڻ کان پوءِ اڃان ٿورڙائي ڏينهن گذريا ته سائين فاضل شاهه شادي ڪئي. ڪيس ٻه فرزند ۽ اٺ نياڻيون الله تعاليٰ عطا ڪيون. پنهي فرزندن مان وڏو فرزند دين محمد شاهه هجري سنه ١٢٩٠هه ۾ تولد ٿيو. سائين فاضل شاهه جو ننڍو فرزند معصوميءَ ۾ گذاري ويو انهيءَ ڪري سندس سارو قرب دين محمد شاهه سان هو. مگر قدرت الله جي سندس فرزند دين محمد شاهه شاديءَ کانپوءِ پاويهين ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. جنهنڪري سائين فاضل شاهه دنيا جون سڀ مشغوليون وساري ڇڏيون ۽ قرآن شريف سان ساريون ساريون راتيون مقام ۾ گذاريندو هو. انهيءَ ڏک ۽ فراق جي حالت ۾ سائين فاضل شاهه کي غيبي اشارو ٿيو ته تون شادي ڪر ته دين محمد شاهه تو وٽ موٽي اچي. انوقت سائين جي عمر سٺ ورهيه هئي. تنهن هوندي به شاهه صاحب شادي ڪئي ۽ ڪيس پٽ ڄائو. جنهن جو نالو هوندل شاهه رکيائين.

## وڪالت جو ڌنڌو:-

شادي ڪرڻ ۽ الله جي مهر سان پاڙي پنيان پارڙا پيدا ٿيڻ ڪري سائين فاضل شاهه کي خيال ٿيو ته ڪا اهڙي جهڙي مشغوليت هٿ ڪجي انهيءَ زماني ۾ ڪنهن به پڙهيل ۽ قانوني قانون مان واقف ماڻهوءَ کي ڪوبه مئجسٽريٽ قانون دانيءَ جي لياقت جو سرٽيفڪيٽ ڏيندو هو ته سرڪار امالڪ ان ماڻهوءَ کي وڪالت جي سند عطا ڪندي هئي ۽ فوجداري توڙي ديواني ڪيسن ۾ اهڙن وڪيلن کي سڏيندا هئا ”مختيار“. سائين فاضل شاهه علم منطق ۾ اڳيئي برک هو. ذهن ۽ حوصلو اعليٰ درجي جو هوس.

مرحوم خانبهادر حسن علي آفندي، مرحوم ميرگل حسن خان ڊويزنل مئجسٽريٽ ۽ مرحوم قاضي امام علي صاحب مختيارڪار اهي بزرگ خاص طرح سان سائين فاضل شاهه جا همٿائيندڙ

www.bhutto.org

۽ مددگار ٿيا. ٽنهنڪري سرڪار ڪيس جلد ”مختياري“ جي سند ڏني ۽ هو حيدرآباد شهر توڙي هالا ڊويزن جي سيني تعلقن ۾ مختياريءَ جو ڌنڌو هلائڻ لڳو. انهيءَ مختياري واري ڌنڌي ۾ سائين فاضل شاهه نهايت ڪامياب ويو. پر سندس والد صاحب هجري سنه ١٣٠٦ برابر ١٨٨٨ع ۾ وفات ڪئي، ٽنهنڪري شاهه صاحب اهو مختياريءَ وارو ڌنڌو ڇڏي پنهنجو مائٽاڻو تڏو وسائي ويهي رهيو ۽ پورو پورو عالمانه ۽ فقيرانه طريقو اختيار ڪيائين.

## سرڪاري طرح حيدرآباد شهر جو مفتي مقرر ٿيڻ :-

سائين فاضل شاهه جو چاچو سيد حافظ محمد يوسف شاهه سرڪار طرفان حيدرآباد شهر جو قاضي مقرر ٿيو.

سائين فاضل شاهه پنهنجي چاچي تي انهي شاندار عهدي هلائڻ ۾ ڪامياب بنائڻ لاءِ سائس فرمانبردار ۽ خيرخواه همراه ٿي رهيو ڇاڪاڻ نه انهي وقت سندن خاندان ۾ سائين فاضل شاهه جهڙو علمي مايه وارو تحريري توڙي تقرير تي قادر ٻيو ڪونه هو. آگسٽ ١٨٩٢ع ۾ قاضي سيد يوسف شاهه وفات ڪئي انهيءَ ڪري حڪومت عوام جي راءِ مطابق سندس فرزند سيد محمد ابراهيم شاهه کي حيدرآباد شهر جو قاضي مقرر ڪيو ۽ سائين فاضل شاهه کي حيدرآباد شهر جو مفتي مقرر ڪيو ويو.

هر عيد جي موقعي تي حسب دستور قاضي ابراهيم شاهه پنهنجي خانداني رسم مطابق عيدگاهه (صدر) ۾ عيد نمازون پڙهائيندو هو ۽ سائين فاضل شاهه وري خطيب جا فرائض سرانجام ڏيندو هو.

سائين فاضل شاهه جو رسوخ ۽ اثر تمام گهڻو هو انوقت حيدرآباد شهر ۾ ٻيا به وڏا ۽ زبردست عالم سڳورا هئا. جهڙوڪ سائين حاجي محمد علي شاهه مرحوم واعظ رهندڙ الهندو ڪچو، مولوي حافظ حاجي محمد صديق رهندڙ پشورين جو پاڙو، مخدوم عبدالرحمان رهندڙ ڪونڙي ۽ آسپاس وارا ٻيا عالم اهي سڀ علمي بحث مباحثن ۽ مجلسن ۾ سائين فاضل شاهه کي پنهنجو اڳواڻ بنائيندا هئا ڇاڪاڻ جو الله تعاليٰ ڪيس علم جي دولت سان مالا مال ڪيو هو.

## خير نماز پڙهائڻ ۾ مينهن وسائڻ وارو واقعو :-

حيدرآباد شهر جي مسلمانن جو سائين فاضل شاهه نهايت پيارو اڳواڻ هوندو هو.

www.bhutto.org

(١) ميزان الشڪر:- هي رسالو سائين فاضل شاهه تيار ڪري ڇاپايو هو. هن ۾ علمِ موسيقي جي اصولن موجب جيڪي شعر ڏنهن ٿا جهڙوڪ ڪافي، مولود، مداح تن جا نمونا سمجهايل آهن.

(٢) ديوان فاضل: هن ڪتاب ۾ سائين فاضل شاهه جيڪي غزل چيا سي درج آهن هي ڪتاب سائين فاضل شاهه هجري سنه ١٢٩٢ برابر عيسوي سنه ١٨٧٣ع ۾ تيار ڪيو هو.

(٣) چونڊ ڪافيون: سائين فاضل شاهه سنڌ جي وڏن وڏن ۽ مشهور شاعرن جون ڪافيون ۽ انهن شاعرن جا ٻول مختصر طور تي گڏ ڪيا.

(٤) تفسير فاضليه: ساري قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ تفسير سائين فاضل شاهه تيار ڪيو هو.

(٥) تفسير بسم الله: سائين فاضل شاهه بسم الله شريف تي سنڌي زبان ۾ تفسير لکيو. جنهن ۾ بسم الله شريف ڪي پڙهڻ سان جيڪي فائدا ٿي سگهن ٿا سي مرتب ڪيا هئائين.

(٦) صفات باري تعاليٰ: هي ڪتاب هٿ سان لکيل سائين فاضل شاهه تيار ڪيو جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي پاڪ ذات ۽ صفات بابت ڳالهيون اٺ سؤ صفحن تي مشتمل آهن.

(٧) معراج الحبيب: حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم جن جي معراج شريف جو بيان آهي.

(٨) نفلي نمازن بابت بحث: هي ڪتاب سائين فاضل شاهه هٿ سان لکيو جنهن ۾ نفلي نمازن جو ذڪر آهي.

سائين فاضل شاهه سنڌي زبان سان گڏوگڏ پارسي زبان ۾ شعر اشعار لکندو هو. سندس پارسي شعر ڪراچيءَ جي هڪ پارسي اخبار "مفرح القلوب" ۾ شايع ٿيندو هو.

سائين فاضل جا ڪجهه شعر جيڪي انسان کي اصلاحي سبق ڏين ٿا سي هيٺ لکجن ٿا.

www.bhutto.org

انسان کي سچائي جي تلقين ڪندي شاهه چيو:

"ڪڏي ڇڏ ڪوڙ ڪوري قلب مان تون
زباني راست ڪوني رنگ ۾ رچ"

نفساني خواهشن کي ختم ڪرڻ لاءِ انسان کي هدايت ڪندي فرمايائين:


"ڪين جي ڪاتي ڪٽي جن قلب جو ڪينو ڪٺو" "پاڻ" جو ڀرو ڀچائي تن ڪيو ڪامل ڪباب"! انسان کي موت ياد ڏياريندي فرمائي ٿو:

"فڪر ۾ رهه فنا فدا، فاضل موت جو ڏس سدا ڳڙي ٿو ڳهڻ".

سائين فاضل شاهه جي خاندان مان مير نصير خان جي حڪومت جي دور کان اڄ تائين شهر حيدرآباد جا قاضي ٿيندا اچن ٿا. سندس خاندان مان محترم سيد غلام مصطفيٰ شاهه آخري شهر جو قاضي ٿيو، جنهن بزرگ ١٣-١٤ سال عيدگاه (صدر) (جيڪا سندن وڏن ٺهرائي هئي) ۾ عيد جي نماز جي پيش امامت جا فرائض سرانجام ڏنا ۽ هن هاڻ نهايت پيرسن هجڻ ڪري گوشه نشيني اختيار ڪئي آهي. سندس خاندان جو هڪ فرد ڊاڪٽر آهي جنهنجي اسپتال حيدرآباد ۾ سري گهاٽ تي آهي.

"اسانجي توجه جو مرڪز اسانجو محنت ڪش عوام آهي."

— وزيراعظم ڀٽو.



# قلندر عثمان مروندي

عنايت الله پنهور

جڏهن چوڌاري زور ۽ ظلم جي بازار گرم ٿيندي آهي، استبداد ۽ اونداهي جون ڪاريون راتيون اچي ڪڙڪنديون آهن، اخلاق ۽ ادب جا زرين اصول پنهنجي حد ڪان هٽندي نظر ايندا آهن ۽ سچ ۽ حق چوڻ وارن کي نيچ سمجهيو ويندو آهي تڏهن قدرت کي جوش ايندو آهي ۽ پنڪيل ۽ مظلوم انسانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هڪ نيڪ سيرت، فرشتہ صفت انسان ۽ مرد مجاهد رونما ٿيندو آهي جيڪو حق ۽ انصاف، پيار ۽ محبت، اخلاق ۽ سچائي، بلند خيالي ۽ بهادري، محنت ۽ مشقت، صلح ۽ امن جو پيغام ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح وقت ۽ حالات مطابق ڪي درويش ۽ بزرگ، غوث ۽ قطب، مجذوب ۽ مٽيادار فقير، اولياءالله ۽ قلندر پيدا ٿيندا رهندا آهن جيڪي عوام جي رهبري ڪندا آهن ۽ کين نئين روشني عطا ڪندا آهن. قلندر لعل شهباز پڻ سيوهڻ ۾ ان وقت پهتو هو. جڏهن شهر جون حالتون بلڪل خراب هيون. سيوهڻ سيني براين ۽ بڇڙاين جو اڏو بڻجي چڪو هو. سيوهڻ جو چڪلو اوج تي هو. شهر ۾ زناڪاري عام هئي. عياشي حد ڪان وڌيڪ هئي. ڏينهن رات رنڊين ۽ ڪنجرين جي هاچل هئي. خون ڪرڻ معمولي ڳالهه هئي. معزز ماڻهن جي عزت خطري ۾ هئي. ”انڌير نگري چرپٽ راجا. ٽڪي سير ڀاڄي ٽڪي سير کاڄا“ وارو حساب ڪتاب هو. قلندر جي رهائش بعد سيوهڻ مان ڪڏن ڪرتوتن جي پاڙ پٽجي وئي ۽ سيوهڻ کي پنهن جي روحاني فيض، ڪرامات ۽ ڪمالات وسيلي گلزار بنائي ڇڏيو.

تاريخ جي ورقن ورائڻ مان پليءَ پت پروڙ پوي ٿي تہ جڏهن وقت قلندر سيوهڻ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ان وقت سندن عمر ۱۱۱ سال هئي ۽ اهو سن ۶۴۹ هجري يعني ۱۲۵۳ع هو. سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي.

www.bhutto.org

قلندر شهباز جي سيوهڻ ۾ آمد تي سندن درويشانه ڳالهين ۽ معجزن کان سيوهڻ جا باشندا ڏاڍو متاثر ٿيا. قلندر هڪ خاص مقصد سان هڪ خاص پيغام پهچائڻ لاءِ سيوهڻ کي پنهن جي آخري رهائش گاهه منتخب ڪيو. قلندر شهباز اسلام جي تبليغ ڪئي آهي ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود جو پيغام ڏنو آهي. سندن پوري زندگي ذڪرالله ۽ ذڪر رسول ڪندي گذري. هو سنڌ ۾ اسلام جي پختگيءَ جو علمبردار آهي.

جيئن ته قلندر شهباز قلندري طريقي جو بزرگ هو تنهن ڪري کيس "قلندر" سڏيو ويو جيڪو سندن مشهور لقب آهي. وڏن محققن قلندر جي وصف بابت ٻڌايو آهي ته "قلندر اهو آهي جيڪو دنيوي عيش ۽ آرام ڇڏي ڏئي ۽ سڄي ڄمار تنهائي ۽ مجردي ۾ گذاري. عام طور چيو ويندو آهي ته سڄي دنيا ۾ اڍائي قلندر آهن پر ڪن عالمن جو خيال آهي ته دنيا ۾ ڪيترائي قلندر آهن. قلندر شهباز جو اصل نالو سيد عثمان آهي ۽ سندس والد بزرگوار جو اسم مبارڪ سيد ابراهيم ڪبيرالدين آهي. پاڻ "مروند" شهر ۾ ڄاوا هئا تنهن ڪري کين "مروندي" پڻ چيو ويچي ٿو. مروند شهر ايران جي آذر بائيجان جي علائقي ۾ آهي. پاڻ سن ٥٣٨ هجري مطابق ١١٤٢ع ۾ ڄاوا هئا. جوانيءَ کان وٺي پوڙهپڻ تائين قلندر شهباز ڪيترن ئي ملڪن جهڙوڪ: سعودي عربيه، هندستان، ايران، افغانستان، عراق ۽ پاڪستان جي شهرن جو سفر ڪيو. سندن سڄي ڄمار بلند اخلاقي عشق الاهي ۽ خدمت خلق ۾ گذاري. کين ڪنهن به قسم جي لالچ ۽ طمع نه هئي.

قلندر لعل شهباز فارسي جو هڪ وڏو صوفي شاعر پڻ هو. سندس پيغام فارسي شعرن ۾ ملي ٿو. پاڻ عربي ٻولي جي پڻ چڱي ڄاڻ رکندا هئا ڇاڪاڻ ته ستن سالن جي عمر ۾ قرآن مجيد ياد ڪري ورتو هئائون. قلندر جا شعر نهايت بلند پائي جا آهن ۽ جوش ۽ جذبو پيدا ڪندڙ آهن. سندس ڪلام هر هڪ ماڻهو کي متاثر ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ اعليٰ درجي جي فصاحت ۽ بلاغت آهي ۽ مٺاس ۽ مستي ڀريل آهي. سندس ڪتاب جهڙوڪ عقد، قسم دوم، اجناس ۽ ميزان صرف وغيره مدرسن ۾ پڻ پڙهايا ويندا هئا. قلندر جي شعرن مان هيٺيون ٻه سٽون ته تمام مقبول آهن.

زعشق دوست هر ساعت درون نار مي رقصم،
گهي برخاڪ مي غلطم، گهي برخار مي رقصم.

www.bhutto.org

انجو اهو مطلب آهي ته دوست جي عشق ۾ هر گهڙي مان ٻاهر جي آڙاهه ۾ نچان پيو، ڪڏهن مان سڻي ۾ ليٽڙان ٿو. ڪڏهن ڪنڊن جي مٿان نچان پيو. انهيءَ مان قلندر جي پيغام ۽ عظمت جو ثبوت ملي ٿو.

قلندر جي پيغام کي ٻرڪڻ ۽ ڪين عقيدت بخشڻ لاءِ سيوهڻ ۾ قلندر جو ميلو لاڳيتو ٽي ڏينهن شعبان مهيني جي ١٨، ١٩ ۽ ٢٠ تاريخ تي هر سال لڳندو آهي. ميلي ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين ماڻهو اچي شامل ٿيندا آهن ۽ قلندر جي درگاهه جي زيارت ڪري لطف اندوز ٿيندا آهن سندن فيض ۽ برڪت اڄان سوڌو جاري آهي. گهڻو ڪري ڪوبه سوالي خالي نه ويندو آهي. من جي مراد ۽ تسڪين حاصل ڪندو آهي. سندن وسيع پيغام مان عبرت وٺندو آهي.

قلندر شهباز سيوهڻ کي تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ زندگي جا آخري ڏينهن گذارڻ لاءِ اتي ئي فيصلو ڪيو. سيوهڻ ۾ صرف هڪ سال رهڻ کانپوءِ هن فاني دنيا مان سن ٦٥٠ هجري ۾ ١١٢ سالن جي عمر ۾ رحلت ڪري ويا. مگر سندن پيغام جو پڙاڏو اڄان تائين گونججي رهيو آهي جنهن تي عمل ڪندي ڪيترائي فقير ۽ مجاور مستفيض ٿيندا رهن ٿا.

”ڪارڪن ئي پيداوار جو روح ۽ معاشري جي اصل طاقت جو سرچشمو آهي.“

- وزيراعظم ڀٽو.


www.bhutto.org



وفاقي وزير تعليم، مسٽر عبدالحفيظ پيرزادي، قائد اعظم جي يادگار شين جو افتتاح پهرين آڪٽوبر ١٩٧٦ع تي ڪراچي ۾ ڪيو.

وفاقي وزير تعليم ۽ قائد اعظم جي سؤ ساله تقريبن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين مسٽر عبدالحفيظ پيرزادو، پورهيتن جي مملڪتي وزير جناب عبدالستار گبول سان گڏ ١١- سيپٽمبر ٧٦ع تي قائد اعظم جي مزار تي فاتحه پڙهي رهيو آهي.






گورنر سنڌ، محمد دلاور خانجي، بيگم رعنا لياقت علي خان ۽ وزير اعليٰ سنڌ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي، چيئرمئن مائوزي تنگ جي وفات تي چيني سفارتخاني ۾ پنهنجا تاثرات لکي رهيا آهن.




وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي، سول اسپتال ڪراچيءَ ۾، بسم الله منزل جي حادثي ۾ ٿيل زخمين جي عيادت ڪئي.



وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو، چيف منسٽر هائوس ۾ وفاقي ۽ صوبائي وزيرن جي هڪ گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪري رهيو آهي.



"اهلاً وسهلاً ومرحبا" جي لفظن سان شاگردن معزز مهمان جي آجيان ڪئي.



جسماني ورزش جي مظاهري دوران شاهه خالدؒ ۽ وزيراعظم ڀٽي جي تصويرن ٺاهڻ جو هڪ منظر.



اسلام آباد ۾ جسماني ورزش جي مظاهري دوران اسڪولي ٻارن طرفان جوڙيل هڪ نعرو.